جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC
CARTL
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر:
حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر:
سيد گل شاهه
جلد 17 | آچر 22 نومبر 2026ع بمطابق 11 جمادي الثاني 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 41

وڏي وزير پاران اين جي وي اسڪول ۾ تاريخي سنڌ اسيمبلي هال جو افتتاح، ايجوڪيشن سٽي ۾ 15 ايڪڙ زمين ڏيڻ جو اعلان

صوبي جي ٻارن کي معياري تعليم ۽ هڪجهڙا موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ پنهنجي حڪومت جي عزم کي ورجايو. اين جي وي اسڪول ۾ ٻارن جي عالمي ڏينهن جي تقريب کي خطاب

هن تاريخي هال کي پنهنجي اصل شڪل ۾ بحال ڪيو ويو آهي ۽ سنڌ جي پارلياماني ۽ جمهوري تاريخ ۾ ان جي خاص اهميت آهي

1947 ع ۾ پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ سنڌ اسيمبلي، قومي اسيمبلي جو حصو بڻجي وئي، اين جي وي اسڪول ۾ موجود پراڻو اسيمبلي هال صوبائي قانون سازي جي ڪارروائي جي جاءِ طور ڪم ايندو رهيو

جڏهن هو مرمت ٿيل هال ۾ داخل ٿيو ته ڪيس ائين محسوس ٿيو ڄڻ هو گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي ۾ پهچي ويو هجي ڇاڪاڻ ته ٻارن مهمانن کان ڏکيا سوال پڇيا

الله تعاليٰ اسان جي عزت رکي ڇڏي. ” آڪٽوبر 1855 ع ۾ 68 شاگردن سان قائم ٿيل اين جي وي (NJV) کي سنڌ جو پهريون سرڪاري اسڪول مڃيو وڃي ٿو

ان جي موجوده تاريخي عمارت، جيڪا 1876 ع ۾ مڪمل ٿي، ڪراچي جي تعليمي ۽ تعميراتي ورثي جو هڪ اهم حصو آهي. هيءَ عمارت ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌ جي شروعاتي پارلياماني ڪارروائين جي به شاهد رهي آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چنيسر ڏينهن نارائڻ جڳن ناٿ وديا (NJV)اسڪول ۾ مرمت ٿيل تاريخي پراڻي سنڌ اسيمبلي هال جو افتتاح ڪيو ۽ صوبي جي ٻارن کي معياري تعليم ۽ هڪجهڙا موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ پنهنجي حڪومت جي عزم کي ورجايو. اين جي وي اسڪول ۾ ٻارن جي عالمي ڏينهن جي تقريب کي خطاب ڪندي وڏي وزير چيو ته هن تاريخي هال کي پنهنج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

ڪراچي: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاهه کي هڪ نينگري پينسل سان تيار ڪيل سنڌس تصوير سنڌس حوالي ڪري رهي آهي

وزيراعظم سدائين خود احتسابي ۽ شفافيت کي ترجيح ڏني: عطاءُالله تارڙ

رسڪ اسيسمنٽ رپورٽ خامين جي نشاندهي ۽ سڌارن جي لاءِ جوڙي وئي آهي، اها رپورٽ سيني جي لاءِ مشعل راهه ثابت ٿيندي

وفاقي حڪومت پاران وزيراعظم جي خصوصي هدايتن تي جوڙيل رسڪ اسيسمنٽ رپورٽ انهي خود احتسابي جي عمل جو حصو آهي

جنهن جو مقصد نظام ۾ موجود خامين جي نشاندهي، سڌارن ۽ بهتر هدفن جو تعين ڪرڻ آهي، رپورٽ سمورن لاڳاپيل ادارن ۽ صوبن جي لاءِ مشعل راهه ثابت ٿيندي

مشڪل ترين عالمي حالتن جي باوجود پاڪستان ۾ پيٽروليم مصنوعات جي فراهمي ۾ ڪو تعطل پيدا نه ٿيو، وزيراعظم عوام کي رليف فراهم ڪرڻ جي لاءِ سبسڊي ڏني

هتي پي ٽي وي هيڊڪوارٽرز ۾ قانون واري وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ ۽ ناڻي واري مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني سان گڏ پريس ڪانفرنس کي خطاب

وزيراعظم محمد شهباز شريف سدائين خود احتسابي ۽ شفافيت کي نظر ۾ رکيو آهي. 1997 ع کان جائزو ورتو وڃي ته پهريون پيرو استادن جون ڀرتيون ميرٽ تي ڪيون ويون

اسلام آباد (بيورو) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُالله تارڙ چيو آهي ته وزيراعظم محمد شهباز شريف سدائين خود احتسابي ۽ شفافيت کي ترجيح ڏني، وفاقي حڪومت پاران وزيراعظم جي خصوصي هدايتن تي جوڙيل رسڪ اسيسمنٽ رپورٽ انهي خود احتسابي جي عمل جو حصو آهي جنهن جو مقصد نظام ۾ موجود خامين جي نشاندهي، سڌارن ۽ بهتر هدفن جو تعين ڪرڻ آهي، ر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

وزيراعظم طرفان ڪنگ عبدالله فنانشل ڊسٽرڪٽ تي حوثي حملي جي مذمت

شهري انفرا اسٽرڪچر ۽ اقتصادي ٺڪاڻن کي نشانو بڻائڻ برداشت نه ڪرڻ جوڳو عمل آهي : شهباز شريف

سعودي راڄڌاني رياض جي ڪنگ عبدالله فنانشل ڊسٽرڪٽ ۾ واقع پبلڪ انويسٽمينٽ فنڊ(پي آئي ايف) ٽاور کي ميزائل حملي ۾ نشانو بڻايو هو

جنهن سان عمارت جي 7 کان 8 منزلن جون دريون ڀڄي پيون هيون ۽ ويجهن عمارتن کي به نقصان پهتو هو پر انهي حملي ۾ ڪو به جاني نقصان نه ٿيو هو

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف سعودي راڄڌاني رياض جي ڪنگ عبدالله فنانشنل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

محسن نقوي جي حافظ نعيم سان ملاقات، اهم معاملن تي مشاورت

وفاقي گهرو وزير محسن نقوي لاهور ۾ منصوره جو دورو ڪيو ۽ جماعت اسلامي پاڪستان جي امير حافظ نعيم الرحمان سان اهم ملاقات

ملاقات ۾ ملڪ جي گڏيل صورتحال ۽ امن امان جي قدمن تي تفصيلي ڳالهيون ٿيون

لاهور (م ڊ) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي منصوره ۾ حافظ نعيم سان ملاقات ڪئي، جنهـ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

لاهور: وفاقي گهرو وزير محسن نقوي سان حافظ نعيم ملاقات ڪري رهيو آهي

اسلام آباد: نائب وزيراعظم اسحاق ڊار اجلاس جي صدارت ڪندي

سفارتڪاري ذريعي جنگ جو خاتمو ممڪن آهي: عراقچي

ايران اهڙو معاهدو چاهي ٿو، جيڪو مستقبل ۾ جنگ جو رستو روڪي

تهران (م ڊ) ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي چيو آهي ته سفارتڪاري ذريعي جنگ جو خاتمو اڃا به ممڪن آهي. ايران ٽڪرار جي حل لاءِ سفارت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

سنڌ حڪومت صوبي جي نوجوانن کي عالمي فري لانسنگ مارڪيٽ سان ڳنڍڻ ۽ ڪين عالمي منصوبن تائين پهچ فراهم ڪرڻ جو فيصلو

فري لانسنگ سڄي دنيا ۾ روزگار ۽ آمدني جو هڪ اهم ذريعو بڻجي چڪي آهي ۽ سنڌ جي نوجوانن ۾ بي پناهه صلاحيتون موجود آهن : شرجيل انعام ميمڻ

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ڪين عالمي مارڪيٽ تائين اثرائتي ۽ آسان پهچ فراهم ڪئي وڃي سنڌ حڪومت نوجوانن لاءِ عالمي فري لانسنگ ۽ گهرويٺي روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ لاءِ قدم شروع ڪري ڇڏيا آهن

اسان جو مقصد آهي ته سنڌ جا هنر مند نوجوان پنهنجي شهر يا ڳوٺ ۾ رهندي عالمي آمدني حاصل ڪري سگهن آءِ ورڪ فار سنڌ تحت جلد عالمي فري لانسنگ ۽ انٽرنيشنل بڊنگ جو خاص نظام متعارف ڪرايو ويندو

ڪراچي(رپورٽر)سنڌ حڪومت صوبي جي نوجوانن کي عالمي فري لانسنگ مارڪيٽ سان ڳنڍڻ ۽ ڪين عالمي منصوبن تائين پهچ فراهم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ آءِ ورڪ فار سنڌ جي ذريعي هڪ خاص نظام متعارف ڪرايو پيو وڃي، جنهن تحت سنڌ جي هنر مند نوجوانن ۽ فري لانسرز کي عالمي مارڪيٽ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

الزامن جي سياست ڇڏي خطي جا مسئلا شاهدين جي بنياد تي حل ڪيا وڃن: مصدق ملڪ

ڊاڪٽر مصدق ملڪ جي سربراهي ۾ پاڪستاني وفد تهذيبي مڪالمي ۾ شرڪت جي لاءِ ڀارتي راڄڌاني نئين دهلي ۾ موجود آهي

جتي وفاقي وزير اڄ شنگهائي تعاون تنظيم (ايس سي او) جي تهذيبي فورم کي خطاب ڪندو

خطي جي ملڪن جو هڪ جڳهه جمع ٿيڻ، ڳالهيون ڪرڻ بهتري ۽ اڳڀرائي جي اميد پيدا ڪري ٿو

اسلام آباد (بيورو) موسمياتي تبديلي واري وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ چيو آهي ته ڏکڻ ايشيا جي ملڪن کي هڪ ٻئي تي الزام لڳائڻ جي بجاءِ سموري خطي کي پيش ايندڙ مسئلن جي حل تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. هن چيو ته سمورا معاملا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

اسلام آباد ۾ قانون واري وفاقي وزيراعظم نذير تارڙ پريس ڪانفرنس ڪندي

ٽرمپ پاران چين ۽ روس جي تعريف، ڊيموڪريٽس سان گڏجي ڪم ڪرڻ جو اظهار

ڪيترائي واقعا، مصنوعي ذهانت بابت وڌندڙ خدشا ۽ ڪانگريس ۾ ڊيموڪريٽس جي نئين اڪثريت سان ايندڙ چڪتاڻ شامل آهن

چين جي اڳواڻ شي جن پنگ ۽ روس جي ولاديمير پيوٽن سان سنڌس ويجها ذاتي دوستاڻا لاڳاپا.

اسان جا تمام سٺا لاڳاپا آهن هن ڪمري ۾ ڪجهه ماڻهو چون ٿا ته . اوهه، اهو خراب آهي ته هو انهن سان سٺا لاڳاپا رکي ٿو

واشنگٽن(م ڊ)صدر ڊونلڊ ٽرمپ جمعي ڏينهن وائيٽ هائوس جي بريفنگ روم ۾ هڪ اهم پريس ڪانفرنس ڪئي، جڏهن ته ڪيس ملڪ اندر ڪيترن ئي مسئلن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، جن ۾ ٽيڪنالاجي سروسز جي اوچتو بند ٿيڻ جا ڪيترائي واقعا، مصنوعي ذهانت بابت وڌندڙ خدشا ۽ ڪانگريس ۾ ڊيموڪريٽس جي نئين اڪثريت سان ايندڙ چڪتاڻ شامل آهن. پ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

خان ۽ بشريٰ جي سزائن خلاف اپيلن جي ٻڌڻي 25 نومبر تي مقرر

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي رجسٽرار ٻڌڻيءَ جي ڪاز لسٽ جاري ڪري ڇڏي

چيف جسٽس سردار سرفراز ڊوگر ۽ جسٽس محمد آصف تي ٻڌل ٻه رڪني بئنچ اپيلن جي ٻڌڻي

اسلام آباد (بيورو) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ 190 مليين پائونڊ ڪيس ۾ پي ٽي آءِ باني عمران خان ۽ سندس گهرواري بشريٰ بي بي جي سزائن خلاف /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

حڪومت جو چوڻ سڌارن واري ڪميٽي ۾ پي ٽي آءِ کي برابر نمائندگي ڏيڻ کان انڪار

طارق فضل چوڌري پي ٽي آءِ جي چيف وهپ عامر ڊوگر کي حڪومتي موقف کان آگاهه ڪري ڇڏيو

پارلياماني ڪميٽين ۾ حڪومت ۽ اپوزيشن کي هڪجهڙي نمائندگي ڏيڻ جو ڪو مثال موجود ناهي

اسلام آباد(بيورو)حڪومت چوند سڌارن بابت پارلياماني ڪميٽي ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف کي حڪومت جي برابر نمائندگي ڏيڻ جو مطالب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

نون صوبن جي قيام بابت اليڪشن ڪميشن اٿاڻ نڪتي

اليڪشن ڪميشن کي ريفرنڊم جي ڪنهن منصوبي کان اڃا تائين آگاهه نه ڪيو ويو

باضابط درخواست ملڻ ڪانپوءِ ڪميشن کي تياري لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 2 مهينا گهربل هوندا

اسلام آباد(بيورو) اليڪشن ڪميشن نئين صوبن جي قيام تي ريفرنڊم بابت بي خبر نڪتو رپورٽ موجب اليڪشن ڪميشن کي ريفرنڊم /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

بلوچستان ۾ ريل گاڏين جو آپريشن اڄ معطل رهندو

مرمتي ڪم سبب ٽرينن جي آمدرفت بند ڪئي وئي آهي

پشاور ويندڙ جعفر ايڪسپريس اڄ رواني نه ٿيندي: ريلوي اختيار

ڪراچي (رپورٽر) بلوچستان ۾ ريل گاڏين جو آپريشن اڄ معطل رهندو، ريلوي اختيارين موجب مرمتي ڪم سبب ٽرينن جي آمدرفت بند ڪئي وئي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

سنڌ ڌرتي اسان جي سڃاڻپ آهي: سيد زين شاهه

سنڌ کي ورهائڻ جي ڪنهن به سازش کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين

سنڌ جي وحدت ۽ بقا لاءِ هر فورم تي آواز اٿارينداسين

پيرولاشاري(رپورٽر) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جو صدر سيد زين شاهه جي پيرولاشاري پهچڻ تي مير فيصل ٽالپر جي اڳواڻي ۾ سوين ڪارڪن ۽ شهري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

پيرولاشاري: سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جو صدر سيد زين شاهه جي پيرولاشاري پهچڻ تي ميڊيا سان ڳالهائيندي

فوج کي پنهنجي قوم جي مقابلي ۾ طاقتور نه ڏسڻ چاهيون: مولانا فضل الرحمان

اسان فوج جي خلاف نه آهيون، فوج اسان جي دفاعي طاقت آهي، فوج کي دشمن جي مقابلي ۾ طاقتور ڏسڻ چاهيون ٿا

فوج کي پنهنجي مقابلي ۾ طاقتور نه ڏسڻ چاهيون. جي يو آءِ(ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان پشاور هاءِ ڪورٽ بار کي خطاب

مون کي دعوت ڏيڻ تي مان هاءِ ڪورٽ بار جو ٿورائتو آهيان اهو اجتماع ملڪ جي دانشور ماڻهن جو اجتماع آهي

خواهش آهي ملڪ جي موجوده صورتحال تي ڪجهه سفارشون پيش ڪريان پاڪستان ۾ 3 قسم جا نظريات رکندڙ ماڻهو پاڪستان جي وجود جي تشريح ڪندا آهن

پشاور (م ڊ) جمعيت علماء اسلام (ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته پنهنجي مفادن جي لاءِ ٽڪرائن جي سياست ڪئي پئي وڃي. اسان فوج جي خلاف نه آهيون، فوج اسان جي دفاعي طاقت آهي، فوج کي دشمن جي مقابل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

پشاور: جمعيت علماء اسلام (ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان ميڊيا سان ڳالهائيندي

ڀارت جي مني پور رياست ۾ زهريلو شراب واپرائڻ سان 11 ماڻهو فوت، 181 اسپتال داخل

نئين دهلي (م ڊ) ڀارت جي اتر اوڀر واري رياست مني پور ۾ غير معياري ۽ زهريلي شراب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

پيرو جي مرڪزي علائقي ۾ 6.7 شدت جو زلزلو رڪارڊ ڪيو ويو

ليما (م ڊ) پيرو جي مرڪزي علائقي ۾ 6.7 شدت جو زلزلو رڪارڊ ڪيو ويو جنهن کان پوءِ علائقي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

گڏيل قومن جي نئين سيڪريٽري جنرل جي چونڊ لاءِ سلامتي ڪائونسل جو نائون غيررسمي گجهو چونڊ مرحلو مڪمل

گڏيل قومون (بيورو) گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي نئين سيڪريٽري جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

24 ڪلاڪن دوران موسم خشڪ ۽ رات ٿڌي رهڻ جو امڪان

اڄ وڏ ۾ وڌ گرمي پد 31 کان 33 ڊگري سينٽي گريڊ تائين رهڻ جو امڪان آهي

شهر قائد ۾ اڄ صبح هوا ۾ گهم جو تناسب 41 سيڪڙو رڪارڊ ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران موسم خشڪ ۽ رات جو ٿڌڪار رهڻ جو امڪان آهي. موسميات کاتي موجب اڄ شهر ۾ گهٽ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

سنڌ، بلوچستان ۽ ڏکڻ پنجاب ۾ ڏڪار واري صورتحال جو خدشو

برساتن ۾ مسلسل گهٽتائي سبب ايندڙ ٽن مهينن دوران ڏڪاري صورتحال وڌيڪ خراب ٿي سگهي ٿي

سنڌ ۽ بلوچستان ۾ جولاءِ کان نومبر تائين لڳاتار معمول کان گهٽ برساتون پيون آهن

سنڌ ۾ سيپٽمبر دوران معمول کان 90 سيڪڙو گهٽ برساتون رڪارڊ ڪيون ويون

ڪراچي (رپورٽر) موسميات کاتي سنڌ، بلوچستان ۽ ڏکڻ پنجاب ۾ ڏڪاري صورتحال پيدا ٿيڻ جو خدشو ظاهر ڪري ڇڏيو آهي. موسميات کاتي موجب برساتن ۾ مسلسل گهٽتائي سبب ايندڙ ٽن مهينن دوران ڏڪاري صورت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

اولهه ڪناري ۾ اسرائيلي آبادگارن جا 400 کان وڌيڪ حملا، زيتون جا 4 هزار کان وڌيڪ وڻ ۽ ٻوٽا تباهه

گڏيل قومون (م ڊ) گڏيل قومن چيو آهي، ته والاريل اولهه ڪناري ۾ زيتون جي فصل جي ڪٽائي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

يمن ۾ وڌندڙ فوجي ڇڪتاڻ تي گڏيل قومن پاران ڳڻتي جو اظهار

گڏيل قومون (م ڊ) گڏيل قومن يمن ۾ ان جي پسگردائي ۾ فوجي ڪارروائين ۾ اضافي تي ڳڻتي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

مراد علي شاهه سان فرانسيسي سفير جي ملاقات، صفائي جي منصوبن تي خيالن جي ڏي وٺ

سنڌ حڪومت ۽ وڪيلن جي وچ ۾ ڪارنر گڏجاڻين ۾ شرڪت جي موقعي تي سرمائيداراڻي به اتفاق ڪيو

ملاقات دوران اهم ۽ تيز رفتاري واري منصوبن تي درج ٿيل نڪات زيرِ غور آيا

ڪراچي (رپورٽر) بلاول سنڌ سيد مراد علي شاهه کان /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

مملڪتي صدر آصف علي زرداري خيبر پختونخوا لاءِ پنج حڪم نامن جي منظوري ڏئي ڇڏي

اسلام آباد(م ڊ) مملڪتي صدر جي ايوان پاران جاري ڪيل پڌرائي موجب خيبر پختونخوا خاص/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

آبي جيوت جو تحفظ ماحول ۽ پائيدار روزگار لاءِ ناگزير آهي: وڏو وزير

مهاڻن جي معاشي مدد ۽ ڪين محفوظ روزگار جي فراهمي سنڌ حڪومت جي پهرين ترجيحن ۾ شامل آهي

مهاڻن کي ٻارڻ تي سبسڊي سميت جار، آئس باڪس ۽ حفاظتي جيڪٽون فراهم ڪيون پيون وڃن

ڪراچي (رپورٽر) وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهه مهاڻن جي عالمي ڏهاڙي تي پنهنجي خاص پيغام ۾ چيو آهي ته ماهيگيري ساحلي آبادي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

سنڌ جي وحدت تي ڪو به ٺاهه نه ٿيندو: ناصر حسين شاهه

نئين صوبي جي قيام لاءِ آئين ۾ واضح طريقيڪار موجود آهي، جنهن تحت لاڳاپيل صوبائي اسيمبليءَ ۾ ٻه ڀاڱي ٽي اڪثريت لازمي آهي

سنڌ جي وحدت تي ڪنهن به قسم جو ٺاهه نه ڪيو ويندو، صوبائي وزير ناصر شاهه قاسم آباد ۾ لائبريري جي سنگ بنياد رکڻ واري تقريب کي خطاب

حيدرآباد (رپورٽر) صوبائي وزير بلديات سنڌ ناصر ح/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

ڪراچي: صوبائي وزير ناصر شاهه ميڊيا سان ڳالهائيندي

صوبن جي معاملي تي پيپلزپارٽي لچڪ نه ڏيکاري ته ٻيو ڪو رستو ڪڍيو ويندو: خواجه آصف

نون صوبن جي معاملي تي سياستدانن کي پنهنجي ذات جي ڄار مان ٻاهر نڪري ڳالهيون ڪرڻ گهرجن

نون صوبن جي حوالي سان مسلم ليگ(ن) طرفان ڪي به خدشا سامهون نه آيا آهن

وزيراعظم انهي ايجنڊا کي ڪٿي هلي رهيو آهي ۽ چاهي ٿو ته انهي معاملي تي اتفاق راءِ پيدا ٿئي

اسلام آباد (بيورو) دفاع واري وزير خواجه آصف چيو آهي ته ذاتي ايجنڊا کي اڳيان وڌائڻ جي لاءِ سنڌ ۾ حالتن خراب ٿيڻ جو بهانو بڻايو پيو وڃي. نون صوبن جي معاملي تي سياستدانن کي پنهنجي ذات جي ڄار مان ٻاهر نڪري ڳالهيون ڪرڻ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

آصف زرداري جو هڪ پٽ صوبن جي حمايت ٻيو مخالفت ۾ آهي: راڻا ثناءُالله

محسن نقوي نون صوبن جي بحث شروع ڪئي آهي بلاول پيو نون صوبن جي مخالفت ڪري رهيو آهي

صدر زرداري کي گهرجي ته هو پنهنجي ٻنهي پٽن کي سمجهائي ته صوبن جي بحث کي آلوده ڪرڻ سان ڪجهه به حاصل نه ٿيندو

محسن نقوي ۽ بلاول ٻئي پٽ آصف علي زرداري جا تابع آهن انهي ڪري صدر زرداري کي گهرجي ته هو ٻنهي کي سمجهائي

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم جي سياسي معاملن واري صلاحڪار راڻا ثناءُالله چيو آهي ته آصف علي زرداري جو هڪ پٽ نون صوبن جي حق ۾ آهي جڏهن ته ٻيو انهي جي مخالفت ڪري رهيو آهي. نجي چينل جي پروگرام ۾ ڳالهيون ڪندي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

حڪومت خاموشي سان وڌيڪ 4 لک ٽن ڪڻڪ برآمد ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

حڪومت طرفان ان کان اڳ 2 لک ٽن ڪڻڪ برآمد ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي هئي

مجموعي طور تي 6 لک ٽن ڪڻڪ برآمد ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي چڪي آهي، وزارت خزانه جي اعلاميي ۾ ڪڻڪ جي برآمد جي مقدار جو ذڪر نه ڪيو ويو

تنهن هوندي به اي سي سي وزارت قومي غذائي تحفظ ۽ تحقيق جي سمري تي ڪڻڪ برآمد ڪرڻ جي منظوري ڏني

گوجرانوالا ۾ 20 ڪلو اٽو 333 رپيا مهانگو ٿي 3 هزار 400 رپين تائين پهچي ويو

اسلام آباد(بيورو)وفاقي حڪومت خاموشي سان وڌيڪ 4 لک ٽن ڪڻڪ برآمد ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. حڪومت طرفان ان کان اڳ 2 لک ٽن ڪڻڪ برآمد ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي هئي. مجموعي طور تي 6 لک ٽن ڪڻڪ برآمد ڪرڻ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

اسلام آباد: ناڻي وارو وفاقي وزير محمد اورنگزيب اجلاس جي صدارت ڪندي

سانگھڙ: تيز رفتار ڪار جي ٽڪر ۾ 10 ورهين جو ٻار فوت

سانگهڙ (رپورٽر) سانگهڙ جي نوابشاهه روڊ تي جامع اسلاميه محمود ڪوٽ سلطان وڃڻ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

جيٽ فيول، مٽي جو تيل ۽ لائيٽ ڊيزل آئل به سستو ٿي ويو

اسلام آباد(بيورو)حڪومت جهازن جي ٻارڻ، مٽي جي تيل ۽ لائيٽ ڊيزل جي قيمت ۾ به گهٽتائي ڪري ڇڏي. پي ايس او موجب جهازن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

آمريڪا جي دفاع واري وزير پاران ڪينيڊا سان دفاعي سهڪار محدود ڪرڻ لاءِ نيون هدايتون جاري

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪا جي دفاع واري وزير پيٽ هيگسيٿ ڪينيڊا سان دفاعي سهڪار/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

ايم نائن تي ڪار بيٺل ٽرڪ سان ٽڪرائجي وئي، 4 ڄڻا زخمي

ڪار ۾ ايم ڪيو ايم پاڪستان جا ڪارڪن سوار هئا

حادثي جو شڪار ٿيل گاڏي ايم ڪيو ايم اڳواڻ انيس قائم خاني جي قافلي ۾ شامل هئي

ڪراچي (رپورٽر) ايم نائن موٽر وي تي ڪار بيٺل ٽرڪ سان ٽڪرائجي وئي. حادثي جي نتيجي ۾ 4 ڄڻا زخمي ٿي پيا. ريسڪيو ذريعن موجب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

ڪراچي کان مختلف شهرن ڏانهن ويندڙ بسن جي ڀاڙن ۾ گهٽتائي

ڪراچي کان مختلف شهرن ڏانهن ويندڙ بسن جي ڀاڙن ۾ 100 کان 500 رپين تائين گهٽتائي ڪئي وئي

پروڊن ٽرانسپورٽرز اجان تائين ڀاڙن ۾ گهٽتائي نه ڪئي آهي پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي جا اثر سامهون اچڻ شروع ٿي ويا آهن

ڪراچي کان لاهور، اسلام آباد، راولپنڊي سميت مختلف شهرن ڏانهن ويندڙ ڪجهه بسن جي ڀاڙن ۾ گهٽتائي آندي وئي آهي

ڪراچي (رپورٽر) پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي ڪان پوءِ انٽرسٽي بسن جي ڀاڙن ۾ به گهٽتائي ڪئي وئي. ڪراچي کان مختلف شهرن ڏانهن ويندڙ بسن جي ڀاڙن ۾ 100 کان 500 رپين تائين گهٽتائي ڪئي وئي آهي پر وڏن ٽرانسپ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
آچر 22 نومبر 2026ع بمطابق 11 جمادي الثاني 1448هه

ملڪي ترقيءَ ۾ رنڊڪ صوبا نه، سياسي مداخلت آهي!

پاڪستان جي موجوده صورتحال ۾ سڀ کان اهم سوال اهو آهي ته ڇا ملڪ جا ادارا پنهنجي آئيني حدن ۾ رهي ڪم ڪري رهيا آهن؟ ڇا چونڊيل حڪومتن کي پنهنجي پاليسين تي عمل ڪرڻ جو مڪمل اختيار حاصل آهي؟ ڇا پارليامينٽ ملڪ جي اهم معاملن تي حتمي فيصلو ڪندڙ ادارو آهي؟ ڇا صوبن کي آئين موجب مليل اختيارن تي عمل ڪرڻ جي آزادي حاصل آهي؟ جيڪڏهن انهن سوالن جو جواب "نه" ۾ آهي ته پوءِ ملڪ جي ترقيءَ ۾ رنڊڪ جو سبب صوبن جي جاگرافيائي حدن بدران غير سياسي ماڻهن جو اهو طريقو آهي، جنهن ۾ سياسي عمل جي تسلسل کي بار بار متاثر ڪيو وڃي ٿو. جڏهن سياسي حڪومتن جي پاليسين ۾ مداخلت ٿيندي، جڏهن ادارن جي وچ ۾ اختيارن جي حدبنديءَ جو احترام نه ٿيندو، جڏهن پارليامينٽ جي بالادستيءَ بابت سوال پيدا ٿيندا ۽ جڏهن پاليسي سازيءَ ۾ سياسي استحڪام بدران غير يقيني صورتحال غالب رهندي ته اهڙي ماحول ۾ معاشي ترقيءَ جو خواب ڪيئن پورو ٿي سگهندو؟

ملڪي تاريخ ٻڌائي ٿي ته سياسي عدم استحڪام جا اثر رڳو حڪومتن تائين محدود ناهن رهندا، پر اهي معيشت، سيڙپڪاري، صنعت، زراعت، واپار ۽ عام ماڻهوءَ جي روزگار تائين پهچندا آهن. ڪو به سيڙپڪار اهڙي ملڪ ۾ ڊگهي مدي واري سيڙپڪاري ڪرڻ کان اڳ سوچي ٿو، جتي پاليسين جي تسلسل جي ضمانت نه هجي، قانون تي عملدرآمد بابت غير يقيني صورتحال هجي ۽ حڪومتن جي مستقبل بابت سوال موجود هجن. صنعتڪار کي بجلي، گئس، ٽيڪس ۽ واپاري پاليسين ۾ تسلسل گهرجي. هاريءَ کي زرعي پاليسين ۽ پاڻيءَ جي منصفاڻي ورڇ جي ضرورت آهي، جڏهن ته عام شهريءَ کي روزگار، مهانگائيءَ تي ضابطي ۽ بنيادي سهولتن جي اميد آهي. اهو به ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته صوبن جي انتظامي ڪارڪردگيءَ تي تنقيد ڪرڻ ۽ انهن جي تاريخي جاگرافيائي حيثيت تبديل ڪرڻ ٻه الڳ معاملا آهن. جيڪڏهن ڪنهن علائقي جا ماڻهو اهو محسوس ڪن ٿا ته کين تعليم، صحت، روزگار، ترقياتي منصوبن ۽ انتظامي سهولتن ۾ مناسب حصو نٿو ملي ته انهن جي شڪايتن کي ٻڌڻ گهرجي. انهن علائقن ۾ نوان ضلعا، تعلقا، انتظامي مرڪز، بهتر مڪاني حڪومتون ۽ اختيارن جي هيٺين سطح تائين منتقليءَ ذريعي به سهولتون پهچائي سگهجن ٿيون. هر انتظامي مسئلي جو حل نئين صوبي جي صورت ۾ ڳولڻ ضروري ناهي.

ملڪ ۾ جمهوري نظام کي مضبوط ڪرڻ لاءِ سڀ کان پهرين اهو طئي ڪرڻو پوندو ته ادارن جا اختيار ڪهڙا آهن ۽ انهن جي آئيني حد ڪٿي ختم ٿئي ٿي. دفاعي ادارن جو پنهنجو آئيني ۽ قومي ڪردار آهي، عدليه جو پنهنجو دائرو آهي، پارليامينٽ قانون سازيءَ جو بنيادي ادارو آهي ۽ حڪومت عوام جي ووٽ وسيلي حاصل ڪيل مينڊيٽ تحت انتظام هلائڻ جي ذميوار آهي. جڏهن هر ادارو پنهنجي مقرر ڪيل دائري ۾ ڪم ڪندو ۽ سياسي معاملن جو فيصلو سياسي ۽ جمهوري فورمن تي ٿيندو ته ملڪ ۾ استحڪام پيدا ٿيندو. غير سياسي مداخلت، اقتدار جي غير يقيني صورتحال ۽ ادارن جي اختيارن بابت تڪرار ختم ڪرڻ کان سواءِ رڳو انتظامي حدون تبديل ڪرڻ سان بنيادي مسئلا حل ٿيڻ جي اميد نٿي رکي سگهجي.

ان ڪري ملڪ کي نون تجربن جي ورجاءُ ڏيڻ بدران موجوده آئيني ۽ جمهوري نظام کي اثرائتو بڻايو وڃي. صوبن کي ڪمزور ڪرڻ بدران انهن کي آئيني طور مليل اختيار ڏنا وڃن. مقامي حڪومتن کي بااختيار بڻايو وڃي، وسيلن جي ورڇ ۾ انصاف ڪيو وڃي، پارليامينٽ جي بالادستي تسليم ڪئي وڃي ۽ ادارن کي سياسي عمل کان پري رهي پنهنجو آئيني ڪردار ادا ڪرڻ ڏنو وڃي. دنيا جي تجربن مان به اهو ئي سبق ملي ٿو ته معاشي ترقيءَ لاءِ مضبوط ادارا، پاليسين جو تسلسل، قانون جي حڪمراني ۽ سياسي استحڪام بنيادي اهميت رکن ٿا.

اسٽيبلشمنٽ کي اهو سمجهڻ گهرجي ته ملڪ جي ترقيءَ جو رستو صوبن جي جاگرافيائي نقشن ۾ تبديليون آڻڻ مان نه، پر عوام جي حقن، آئيني بالادستي ۽ جمهوري ادارن جي مضبوطيءَ مان گذري ٿو. جيڪڏهن ملڪ ۾ سياسي مداخلت جو سلسلو ختم ٿئي، چونڊيل حڪومتن کي پنهنجو آئيني مدو ۽ اختيار حاصل هجن، پاليسيون مستقل بنيادن تي جوڙيون وڃن ۽ صوبن کي وفاق جو برابر جو حصو سمجهي سندن حق تسليم ڪيا وڃن ته ترقيءَ جا ڪيترائي بند دروازا کلي سگهن ٿا. ملڪ کي سياسي استحڪام ۽ حقيقي جمهوريت جي ضرورت آهي. پهريان اهو تجربو ڪري ڏسڻ گهرجي ته جڏهن غير سياسي مداخلت ختم ٿيندي ۽ جمهوريت کي پنهنجي فطري انداز ۾ ڪم ڪرڻ جو موقعو ملندو ته پاڪستان جي ترقيءَ جو سفر ڪهڙي رفتار اختيار ڪري ٿو.

انور پيرزادو ميلو: سنڌ جي ڏاهپ جو جشن

ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سولنگي

ڪي انسان پنهنجي زندگيءَ ۾ پنهنجي دؤر جي سڃاڻپ بڻجي ويندا آهن، پر ڪي انسان اهڙا به هوندا آهن، جيڪي هن دنيا مان موڪلائي وڃڻ ڪانپوءِ به پنهنجن خيالن، پنهنجي علمي ڪم ۽ پنهنجي شخصيت جي اثرن ڪري ماڻهن کي هڪ هنڌ گڏ ڪندا رهندا آهن. سندن ياد رڳو ڪنهن تصوير، ڪتاب يا تعزيتي تقريب تائين محدود ناهي رهندي، پر هڪ فڪري تحريڪ جي صورت اختيار ڪري ويندي آهي. انور پيرزادو به اهڙين ئي شخصيتن مان هڪ هيو، جن جي زندگي علم، ادب، تحقيق، صحافت، تاريخ ۽ سنڌ جي تهذيبي سڃاڻ لاءِ ارپيل رهي. انور پيرزادي جي نالي سان ٿيندڙ ساليانو ميلو ان ڳالهه جي علامت آهي ته ڪن شخصيتن جو تعارف ۽ ڪم سندن وفات ڪانپوءِ به لاڳيتو سامهون ايندو رهندو آهي.

اڄ ايڪيهين نومبر تي مهين جي دڙي جي پاڙي ۾، هڪ وڏي علمي ۽ ادبي هاڪ ۽ ساک رکندڙ تاريخي ڳوٺ ٻلهڙيجي ۾ "چوٿون انور پيرزادو ميلو" ٿي رهيو آهي، هن وقت سنڌ جي علمي، ادبي، سماجي ۽ فڪري دنيا سان تعلق رکندڙ ناليواريون سياسي ۽ سماجي شخصيتون، دانشور، اديب، شاعر، فنڪار ۽ تعليم دان ان ميلي ۾ شريڪ آهن. ٻلهڙيجيءَ جي فضا هڪ ڀيرو ڀيهر گفتگوءَ، مڪالمي، فڪر ۽ تخليقي اظهار مهڪيل ۽ ٻهڪيل آهي. هي رڳو هڪ ميلو ڪونهي، پر هڪ اهڙي فڪري روايت جو تسلسل آهي، جنهن گذريل چئن سالن ۾ پنهنجي هڪ ڌار سڃاڻپ قائم ڪئي آهي.

انور پيرزادي جي صاحبزادن زرار پيرزادي، ڊاڪٽر زيد پيرزادي ۽ امر پيرزادي سميت سندس ڪٽنب ۽ ڳوٺاڻن جي ڀين ڀائين جنهن محبت، خلوص ۽ ذميداريءَ سان ان روايت کي اڳتي وڌايو آهي، سا بيحد واکاڻ جوڳي آهي. ڪنهن شخصيت جي علمي ۽ فڪري ورثي کي محفوظ رکڻ هڪ ذميداري آهي، پر ان ورثي کي نئين نسل تائين پهچائڻ، ان کي نون سوالن ۽ نون بحثن سان ڳنڍڻ ۽ ان کي هڪ جيئري روايت ۾ تبديل ڪرڻ ان کان به وڌو ڪم آهي. انور پيرزادي جي اولاد ان ذميداريءَ کي رڳو رسمي طور تي ناهي نڀايو، پر ان کي هڪ بامقصد علمي ۽ ادبي سرگرمي بنائي ڇڏيو آهي.

هن ميلي جي مکيه خوبي اها آهي ته ان ۾ انور پيرزادي جي شخصيت ۽ سندس ڪم تي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ سان گڏ سنڌ جي گڏيل مسئلن، تهذيبي ۽ فڪري ورثي، ادب، ماحوليات، تعليم، عورتن جي حقن، ابلاغ جي ذريعن ۽ نئين نسل جي فڪري لاڙن تي پڻ گفتگو ڪئي ويندي آهي. ڄڻ ته هڪ شخصيت جي ياد کي سڄي سماج جي فڪري سوالن سان ڳنڍيو ويو آهي. اها ئي ڪنهن به ادبي ميلي جي اصل ڪاميابي آهي ته اهو ماضيءَ جي يادن ۾ قيد ٿيڻ بدران حال کي سمجهڻ ۽ مستقبل جي امڪانن کي ڳولڻ جو ذريعو بڻجي.

هن ڀيري چوٿين انور پيرزادي ميلي جو پروگرام به پنهنجي موضوعن ۽ شريڪ مهمانن جي اعتبار کان غير معمولي اهميت رکي ٿو. ڏيهان ڏيهه شهرت رکندڙ ڪوريو گرافر شيما ڪرمانيءَ جي شرڪت هن ميلي جي ثقافتي رُخ کي هڪ نئين سونهن بخشي ٿي. انور پيرزادي جي شاعريءَ "اي چنڊ ڀٽائي کي چئجان" تي ٻڌل سندس رقص رڳو فن جو مظاهرو ڪونهي، پر شاعري، موسيقي، جسماني اظهار ۽ روحاني ڪيفيت جي وچ ۾ هڪ تخليقي مڪالمو آهي. انور پيرزادي جي شاعريءَ ۾ جيڪا دانهن، درد، مزاحمت ۽ انساني احساسن جي گهرائي موجود آهي، تنهن کي رقص جي ذريعي پيش ڪرڻ هڪ ڌار فنڪاراڻو تجربو آهي. شيما ڪرمانيءَ رقص کي رڳو هڪ تفريح ناهي سمجهيو، پر ان کي سماجي شعور ۽ انساني جذبن ۽ احساسن جي اظهار جو هڪ سگهارو وسيلو بڻايو آهي. هن ميلي ۾ سندس موجودگي ان ڳالهه جو اظهار به آهي ته سنڌ جي ثقافت مختلف فنن جي ميلاپ سان ڪيڏي نه وشال ۽ ڪيڏي نه رنگا رنگ بڻجي وڃي ٿي.

اڄوڪي هن ميلي جو مکيه موضوع "ڀٽائي ۽ انور پيرزادي جي تصوير واري سنڌ" به آهي، جنهن تي هاڪارو سياستدان ۽ ڏاهو اياز لطيف پليجو پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندو. هي موضوع پنهنجي پَر ۾ ڪيترائي فڪري پاسا رکي ٿو. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجي ڪلام ۾ سنڌ ڌرتيءَ، سنڌي ماڻهن ۽ سندن ڏکن ڏولاون، محبت، مزاحمت ۽ سندن تهذيبي سڃاڻپ کي جهڙيءَ ريت پيش ڪيو آهي، سو وري انور پيرزادي شاهه سائينءَ جي ڏَگَ تي هلندي پنهنجي علمي، ادبي ۽ صحافتي ڪم وسيلي سنڌ جي تاريخ، ثقافت ۽ سڃاڻپ کي سمجهڻ ۽ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. تنهن ڪري انهن ٻنهي جي سنڌ جي تصوير جو تقابلي ۽ فڪري مطالعو دراصل سنڌ جي ماضيءَ، حال ۽ مستقبل کي سمجهڻ جي هڪ ڪوشش آهي.

اهڙيءَ ريت سنڌو درياهه ۽ ان سان لاڳاپيل مسئلن تي نصير ميمڻ جو تفصيلي سيشن به هڪ زبردست اهميت رکي ٿو. سنڌو درياهه رڳو هڪ درياهه ڪونهي، پر اهو سنڌ جي تاريخ، تهذيب، معيشت، زراعت ۽ گڏيل زندگيءَ جو هڪ سگهارو بنياد آهي. هن درياهه سان سنڌي ماڻهن جو ڳانڍاپو بيحد گهرو ۽ پراڻو آهي. هن درياهه جي ڪنڌين تي وسنديون آباد ٿيون، تهذيب وڌيون ويجهيون، پنهون پارا ستابا ٿيا ۽ انساني زندگيءَ پنهنجا مختلف رنگ ڳولي لڌا. اڄ سنڌو درياهه پاڻيءَ جي کوٽ، ماحولياتي گدلاڻ، موسمياتي تبديلين، آبي وسيلن جي غير منصفاڻي ورهاست ۽ ٻين اڻچار مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي. تنهن ڪري سنڌو درياهه ۽ سنڌ جي مسئلن جي حل جي ڏس ۾ علمي ڊائلاگ وقت جي اهم ضرورت آهي. نصير ميمڻ جهڙي ماهر ۽ سنجيده محقق جي ڳالهه ٻولهه ٻڌڻ سان شريڪ مهمانن کي ان موضوع جي مختلف پاسن تي ويچارڻ جو هڪ زبردست موقعو فراهم ڪندي.

هن ميلي ۾ هٿرادو ذهانت جي دؤر ۾ تعليم کي آيل چئلينجز ۽ موقعن تي بحث ڪرڻ لاءِ به هڪ خاص ويهڪ رکي وئي آهي. هي موضوع ان لحاظ کان به اهم آهي ته دنيا تيزيءَ سان تبديل ٿي رهي آهي. هٿرادو ذهانت ڄاڻ حاصل ڪرڻ، تحقيق، تدريس، ابلاغ ۽ تخليقي عمل جي روايتي تصورن کي بيحد متاثر ڪيو آهي. هاڻي سوال رڳو اهو ناهي ته نئين ٽيڪنالاجي ڇا ڪجهه ڪري سگهي ٿي، پر اهو پڻ آهي ته اسان پنهنجي تعليمي نظام کي ان پٽاندڙ ڪيئن لاڀائتو بنائي سگهون ٿا. ڇا هٿرادو ذهانت اسان جي شاگردن جي تحقيقي صلاحيتن ۾ واڌارو ڪندي؟ ڇا اسان جا تعليمي ادارا ان تبديليءَ لاءِ تيار آهن؟ ڇا هٿرادو ذهانت تحقيق جا نوان امڪان پيدا ڪندي؟ اهڙن سوالن تي علمي ۽ ادبي ميلي ۾ گفتگو ان ڳالهه جو اظهار آهي ته سنڌ جو سماج پنهنجي دؤر جي عالمي تبديلين سان سلهاڙجڻ چاهي ٿو.

سنڌي اليڪٽرانڪ ميڊيا جي مسئلن ۽ ڪردار تي ڳالهائڻ ۽ تجويزون ڏيڻ واري ويهڪ به پنهنجي هڪ اهميت رکي ٿي. ابلاغ جا ذريعا ڪنهن به معاشري جي اجتماعي سوچ، ٻولي، ثقافت ۽ ترجيحن جي جوڙجڪ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪندا آهن. اليڪٽرانڪ ميڊيا سنڌ جي ٻولي، ادب، موسيقي، فنن ۽ سماجي مسئلن کي عوام تائين پهچائڻ جي ڏس ۾ مکيه ڪردار ادا ڪيو آهي، پر ان شعبي جي آڏو ڪيترائي مسئلا، چئلينجز ۽ ذميداريون به آهن. ميڊيا جي ڪردار جو جائزو وٺڻ ۽ ان جي بهتريءَ لاءِ تجويزون پيش ڪرڻ هڪ لاڀائتي ۽ ضروري فڪري سرگرمي آهي.

انور پيرزادي ميلي ۾ عورتن جي حوالي سان به ٻه ويهڪون رکيون ويون آهن، جن ۾ زندگيءَ جي مختلف شعبن سان واڳيل هاڪاريون عورتون پنهنجن خيالن جو اظهار ڪنديون. ڪنهن به معاشري جي علمي ترقيءَ جو اندازو ان ڳالهه مان به لڳائي سگهجي ٿو ته اتي عورتن جي آواز، سندن تجربن ۽ سندن فڪري ڪردار کي ڪيتري اهميت ڏني وڃي ٿي. سنڌ جي تاريخ ۽ تهذيب ۾ عورتن جو ڪردار نهايت متاثهون پئي رهيو آهي. هلندڙ دؤر ۾ به سنڌي عورتن جو تعليم، ادب، سياست، صحافت، فن ۽ سماجي خدمتن جي شعبن ۾ بيحد اهم ڪردار آهي. تنهن ڪري اهڙيون ويهڪون نه رڳو عورتن جي فڪري شرڪت کي اجاگر ڪن ٿيون، پر سماج ۾ سندن حيثيت ۽ مسئلن تي سنجيده مڪالمي لاءِ پڻ واٽ گهڙين ٿيون.

هن ڀيري ميلي جي هڪ نئين ۽ ذڪر جوڳي ڳالهه ٻلهڙيجيءَ جي انهن اديبن ۽ شاعرن لاءِ هڪ خاص ويهڪ آهي، جن جا ڪتاب تازو ئي شايع ٿيا آهن. ان ويهڪ ۾ سندن تخليقن ۽ علمي ڪم تي ڳالهه ٻولهه ٿيندي. اها هڪ نهايت هاڪاري روايت آهي. اڪثر ننڍن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ وڏيون ادبي صلاحيتون رکندڙ تخليقڪار موجود هوندا آهن، پر کين مناسب پذيرائي ۽ اظهار جا موقعا ناهن ملندا. ٻلهڙيجيءَ جي اديبن ۽ شاعرن کي سندن پنهنجي سرزمين تي هڪ علمي ۽ ادبي پليٽ فارم مهيا ڪرڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته هي ميلو رڳو انور پيرزادي کي ياد ڪرڻ لاءِ ئي نه، پر هلندڙ دؤر جي تخليقڪارن جي حوصلي افزائي ڪرڻ لاءِ پڻ منعقد ڪيو ويو آهي.

نوجوان ليکڪن، شاعرن ۽ اديبن لاءِ "نئون نسل، روايت کان غير روايتي بنجڻ تائين" جي عنوان هيٺ رکيل ويهڪ به ڌيان لائق آهي. هر نئين ٽهي پنهنجي دؤر جي سوالن، پنهنجي تجربن ۽ پنهنجي ٻوليءَ سان گڏ سامهون ايندي آهي. ادب جي روايت تڏهن جيئري رهندي آهي، جڏهن نئين ٽهي ان کي رڳو هڪ ورثي طور قبول ڪرڻ بدران ان سان مڪالمو ڪندي آهي، ان ۾ نوان خيال شامل ڪندي آهي ۽ اظهار جا نوان رستا ڳوليندي آهي. روايت سان سلهاڙيو رهڻ ۽ ان جي باوجود به پنهنجي لاءِ هڪ ڌار تخليقي واٽ گهڙڻ ڪنهن به نوجوان ليکڪ لاءِ هڪ مکيه چئلينج آهي. ان موضوع تي ڳالهه ٻولهه نوجوانن کي پنهنجي تخليقي سڃاڻپ ڳولڻ ۾ مدد ڏئي سگهي ٿي.

انور پيرزادي ميلي جي هڪ وڏي خوبي ان جي موضوعن جي رنگا رنگي آهي. هن ميلي ۾ هڪ پاسي انور پيرزادي جي شاعري ۽ رقص جي ڳالهه پئي ٿئي ته ٻئي پاسي وري سنڌو درياهه ۽ سنڌ جي مسئلن بابت ڳالهايو پيو وڃي. ڪٿي ڀٽائي ۽ انور پيرزادي جي تصوير جي سنڌ بحث هيٺ پئي اچي، ڪٿي وري عورتن جي آزادي ۽ سندن فڪري ۽ سماجي شرڪت تي گفتگو پئي ٿئي، ڪٿي نوجوان تخليقڪارن جي ادبي لاڙن جو جائزو ورتو پيو وڃي ۽ ڪٿي وري هٿرادو ذهانت ۽ جديد تعليم جي امڪانن تي پئي ڳالهه ٿئي. ان رنگا رنگيءَ ۾ هڪ خوبصورت ربط موجود آهي ۽ اهو ربط انور پيرزادي جي شخصيت ۽ سندس وسيع فڪري افق مان پيدا ٿئي ٿو.

هن ميلي جو انتهائي اتساهيندڙ ۽ ڌيان ڇڪائيندڙ آئٽم انور پيرزادي بابت ٻه ڊاڪيومينٽريز به آهن جيڪي اسڪرين تي ڏيکاريون وينديون، انهن مان هڪ انور پيرزادي جي پنهنجي آواز ۾ بيان ڪيل مهين جي دڙي جي ڏند ڪٿا آهي ۽ ٻي ڊاڪيومينٽري "انور پيرزادي جي جيون ۾ جهاتي" جي نالي سان ڏيکاري ويندي. انور پيرزادي جي انگريزي صحافت تي پڻ هڪ اهم سيشن رکيل آهي.

انور پيرزادي جي شخصيت کي سمجهڻ لاءِ اها ڳالهه ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي ته هو رڳو هڪ اديب يا صحافي ڪونه هيو پر هو هڪ اهڙو دانشور هيو، جنهن وٽ تاريخ، تهذيب، ٻولي، ادب ۽ انساني معاشري جا مسئلا هڪ ٻئي کان ٻنهه ڌار ڪونه هئا. سندس لاءِ سنڌ رڳو هڪ جاگرافيائي خطو نه، پر هڪ تاريخي ۽ تهذيبي تجربو هئي. هن ڌرتيءَ جا قديم آثار، هن جي ٻولي، ان جو لوڪ ادب، ان جا تاريخي ڪردار ۽ ان جا عام انسان انور پيرزادي جي دلچسپي ۽ فڪري جاکوڙ جو حصو هئا. سندس شخصيت ۾ تحقيق جو ذوق به هيو، ادب سان محبت به، صحافتي بصيرت به ۽ پنهنجي دؤر جي مسئلن تي سوچڻ جو حوصلو پڻ.

مهين جي دڙي جي ويجهو ٻلهڙيجيءَ ۾ انور پيرزادي جي نالي سان ميلي جو ملهائجڻ هڪ علامتي معنويت رکي ٿو. هڪ پاسي هزارين سال پراڻي تهذيب جا آثا آهن ۽ ٻئي پاسي وري هڪ اهڙي شخصيت جي ياد آهي، جنهن پنهنجي سڄي ڄمار تاريخ، تهذيب ۽ سڃاڻپ جي سوالن کي سمجهڻ ۾ گذاري ڇڏي. مهين جو دڙو اسان کي پنهنجي ماضيءَ جي عظمت ۽ انساني تهذيب جي سفر جي ياد ڏياري ٿو، جڏهن ته انور پيرزادي جو علمي ورثو اسان کي پنهنجي حال کي سمجهڻ ۽ مستقبل جي باري ۾ سوچڻ جي دعوت ڏئي ٿو انهن ٻنهي حوالن جي وچ ۾ اڄ جو هي ميلو هڪ فڪري پُل جي حيثيت رکي ٿو.

بلاول جي حڪومتي اتحاد کان بغاوت، نئين سياسي ڇڪتاڻ جو خدشو

حامد مير

پاڪستان ۾ اهڙا سياستدان هاڻي تمام گهٽ وڃي بچيا آهن، جيڪي ڪنهن وڏي پريس ڪلب ۾ صحافين آڏو ويهي هر قسم جي سوالن کي منهن ڏئي سگهن. 17 نومبر تي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي نوجوان چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ ڪراچي پريس ڪلب ۾ جيڪا ڏماڪيدار گفتگو ڪئي، اها دراصل هڪ اعترافِ جرم به هئي ته خبرداري پڻ. هوچاڻيندو هو ته سامهون ويٺل صحافي سندس ڳالهين مان ڪيترائي تضاد ڳولي ڪڍندا. تنهنڪري هن پاڻ ئي تسليم ڪري ورتو ته نظام جي تباهيءَ ۾ سندس به حصو آهي. هن چيو ته پارليامينٽ، اليڪشن ڪميشن، عدليه ۽ ميڊيا سميت سمورا ادارا عوام ۾ پنهنجو اعتماد وڃائي ويٺا آهن ۽ هاڻي انهن سيني کي گڏجي اهو اعتماد بحال ڪرڻو پوندو.

سيني کي خبر آهي ته شهباز شريف جي حڪومت پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ووٽن تي قائم آهي. پر بلاول صاحب جي گفتگوءَ ۾ بار بار ساڳئي حڪومت جي وزيرن خلاف شڪايتون سامهون اينديون رهيون. بلاول جي ڳالهه ٻولهه ۾ سڀ کان وڌو ڌڪ بچاءَ واري وزير خواجه محمد آصف لاءِ هو، جنهن گذريل ڏينهن پاڪستان ۾ نوان صوبا ٺاهڻ جي حمايت ڪندي چيو هو ته نئون سال شروع ٿيڻ کان اڳ ملڪ ۾ نئون نظام سامهون اچي سگهي ٿو. بچاءَ واري وزير دعويٰ ڪئي هئي ته ان سلسلي ۾ پيپلز پارٽيءَ کي اعتماد ۾ ورتو پيو وڃي. پر بلاول واضح ڪري ڇڏيو ته نون صوبن جي معاملي تي حڪومت اڃا تائين ساڻس يا سندس والد صدر آصف علي زرداريءَ سان ڪا به ڳالهه ٻولهه ناهي ڪئي.

بلاول نه رڳو ريفرنڊم ذريعي نوان صوبا ٺاهڻ واري تجويز رد ڪئي، پر آئين ۾ 27هين ترميم کي زبردستي حاصل ڪيل اڪثريت جو نتيجو قرار ڏئي اهو پيغام پڻ ڏنو ته هو مستقبل ۾ اهڙي ڪنهن به دٻاءَ هيٺ 28هين ترميم جي حمايت نه ڪندو. بلاول صاحب گهرو وزير محسن نقويءَ جي ان بيان سان بظاهر اتفاق ڪيو ته پاڪستان جو موجوده نظام تباهه ٿي چڪو آهي. پر هن وضاحت ڪئي ته اهو نظام پاڻمرادو تباهه ناهي ٿيو، پر ان کي زبردستي ڪيرايو ويو آهي ۽ هاڻي ان کي نئين سر ترتيب ڏيڻ جي ضرورت آهي.

بلاول جي ان 'باغيانه گفتگو' تي پهريون ردعمل وفاقي وزير اطلاعات عطاالله تارڙ طرفان آيو. جنهن چيو ته بلاول هڪ ئي وقت حڪومت جا مزا به ماڻي رهيو آهي ۽ مخالف ڌر جو ڪردار به ادا ڪري رهيو آهي. تارڙ جو چوڻ هو ته نون صوبن بابت عوامي بحث کي ڪنهن هڪ پارٽيءَ جي خواهش تي روڪي نٿو سگهجي ۽ عوام جي راءِ معلوم ڪرڻ لاءِ ريفرنڊم هڪ آئيني رستو آهي. تنهنڪري بلاول کي ان کان خوفزده نه ٿيڻ گهرجي. ٻين لفظن ۾ وفاقي وزير اطلاعات پهريون ڀيرو نون صوبن جي قيام لاءِ ريفرنڊم جي تجويز تي سرڪاري تصديق جي مهر لڳائي ڇڏي. جيتوڻيڪ نون صوبن بابت اڃا تائين نه پارليامينٽ ۾ ۽ نه ئي وفاقي ڪابينا ۾ ڪا بحث مباحثي جي شروعات ٿي آهي. شايد بلاول به اهو ئي چاهيو ٿي ته نون صوبن بابت حڪومت جو موقف کلي سامهون اچي، جيئن ڪيس نئين سياسي صفبندي ڪرڻ ۾ آساني ٿئي. پنهنجي ان ئي گفتگوءَ ۾ بلاول عمران خان کي سياسي قيدي قرار ڏيندي سمورن سياسي قيدين جي آزاديءَ جو مطالبو ڪيو. ان سان گڏ هن مولانا فضل الرحمان خلاف حڪومت جي انتقامي ڪارروائين جي پڻ مذمت ڪئي. ان جو مطلب اهو آهي ته هو نون صوبن جي معاملي تي حڪومت جي حمايت ڇڏڻ ۽ مخالف ڌر ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ذهني طور تيار آهي.

هن وقت پيپلز پارٽيءَ وٽ صدر مملڪت کانسواءِ پنجاب ۽ خيبرپختونخوا جا گورنر به آهن. سينيٽ چيئرمين ۽ قومي اسيمبليءَ جي ڊپٽي اسپيڪر جا عهدا پڻ پيپلز پارٽيءَ وٽ آهن. سنڌ، بلوچستان ۽ گلگت بلتستان ۾ پنهنجي عددي اڪثريت سبب پيپلز پارٽيءَ جون حڪومتون قائم آهن. جيڪڏهن پيپلز پارٽيءَ کي وفاقي حڪومت جي حمايت ڇڏڻي پئي ته کيس رڳو ڪجهه اهم وفاقي عهدا قربان ڪرڻا پوندا. اخلاقي طور تي بلاول کي جوڊيشل ڪميشن جي رڪنيت به ڇڏڻي پوندي، ڇاڪاڻ ته اها رڪنيت هن حڪومتي ڪوٽا مان حاصل ڪئي آهي.

سوال اهو پيدا ٿئي ٿو ته بلاول نون صوبن جي معاملي تي ايترا اهم آئيني عهدا ڇڏڻ لاءِ ڇو تيار ٿي ويو آهي؟ ان جو سبب واضح نظر اچي ٿو. سندس پارٽي پنجاب ۽ خيبرپختونخوا ۾ نوان صوبا ٺاهڻ لاءِ تيار آهي، ڇاڪاڻ ته انهن ٻنهي صوبن جي اسيمبلين نون صوبن جي حق ۾ ٺهراءَ منظور ڪري رکيا آهن. پر بلاول ڪنهن به قيمت تي سنڌ ۾ نوان صوبا ٺاهڻ لاءِ تيار ناهي، ڇاڪاڻ ته سنڌ اسيمبلي هڪ کان وڌيڪ ڀيرا سنڌ جي ورهاست خلاف ٺهراءَ منظور ڪري چڪي آهي. بلاول کي خدشو آهي ته جيڪڏهن ريفرنڊم ڪرايو ويو ته اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان ذريعي پنهنجي مرضيءَ جا نتيجا حاصل ڪيا ويندا ۽ پوءِ اهو چيو ويندو ته عوام نون صوبن جي حق ۾ فيصلو ڏئي ڇڏيو آهي. ان ڪانپوءِ زبردستي نوان صوبا قائم ڪيا ويندا. بلاول ڪراچي پريس ڪلب ۾ سنڌ اسيمبليءَ جي ان ٺهراءَ جو خاص طور ذڪر پڻ ڪيو. جيڪو 1943ع ۾ پاڪستان جي حق ۾ منظور ڪيو ويو هو. سندس چوڻ هو ته جيڪڏهن اڄ سنڌ اسيمبلي نون صوبن جي حمايت نٿي ڪري ته ان جي خواهش جو احترام ٿيڻ گهرجي. هتي اهو سمجهڻ ضروري آهي ته سنڌ جي ورهاست رڳو پيپلز پارٽيءَ جو مسئلو ناهي. سنڌ جون سموريون قومپرست جماعتون به سنڌ جي ورهاست خلاف آهن. رڳو متحده قومي موومينٽ پاڪستان سنڌ جي ورهاست چاهي ٿي. جنهن کي اردو ڳالهائيندڙن جي پارٽي سمجهيو وڃي ٿو انهيءَ ڪري ئي بلاول خدشو ظاهر ڪيو ته سنڌ جي ورهاست جي صورت ۾ اتي خونريزيءَ جو خطرو آهي. ڇاڪاڻ ته ماضيءَ ۾ اسان اتي خوفناڪ لساني فساد ڏسي چڪا آهيون. ذاتي طور تي مون کي به بلاول کان ڪيتريون ئي شڪايتون آهن. هن پنهنجن پراڻن واعدن ۽ پارٽيءَ جي روايتي موقف کان ڦرندي پيڪا ايڪٽ 2025ع منظور ڪرايو ۽ آزاديءَ صحافت جي پٺيءَ ۾ خنجر هنيو. اڄ جڏهن سندس پنهنجن اتحادي پارٽين سان اختلاف شروع ٿي رهيا آهن ته اسان کي رڳو تماشو ڏسڻ گهرجي. پر اهو تماشو اسان سيني کي تمام گهڻو مهانگو پئجي سگهي ٿو. خدا نه ڪري، سنڌ ۾ به حالتون خراب ٿي سگهن ٿيون.

مون کي اڄ کان 18 سال اڳ، 8 جنوري 2008ع تي بلاول جي پهرين پريس ڪانفرنس ياد اچي رهي آهي. پنهنجي والده محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت کان ڪجهه ڏينهن پوءِ هن لنڊن ۾ پريس ڪانفرنس ڪئي هئي ۽ پنهنجي والده جو مشن جاري رکڻ جو اعلان ڪيو هو. جڏهن ڪيس رڳو 19 سالن جي عمر ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي قيادت سونپي وئي ته سنڌ ۾ سندس والده جي شهادت سبب پاڪستان خلاف نعرا لڳي رهيا هئا. ان وقت آصف علي زرداريءَ "پاڪستان کپي" جو نعرو هنيو ۽ سنڌ کي پاڪستان کان ڌار ڪرڻ جو مطالبو رد ڪري ڇڏيو. ان ڪانپوءِ بلاول به وفاقي سياست جاري رکي. سندس والد ٻه ڀيرا صدر ۽ بلاول پرڏيهي وزير بڻيا.

اڄ جيڪڏهن بلاول سنڌ جي ورهاست واري مسئلي تي حڪومت کان ناراض آهي ته سندس نيت تي شڪ نه ڪرڻ گهرجي. سندس ڌماڪيدار گفتگوءَ جي پسمنظر کي سمجهڻ جي ضرورت آهي. منهنجي خيال ۾ هن اڃا تائين تمام گهٽ ڳالهايو آهي. سندس چوڻ لاءِ اڃا گهڻو ڪجهه موجود آهي. پر شايد هو في الحال پنهنجي بغاوت کي رڳو وزيراعظم ۽ سندس ڪابينا تائين محدود رکڻ چاهي ٿو. ته جيئن نظام کي نئين سر ترتيب ڏئي سگهجي. جيڪڏهن نظام کي نئين سر ترتيب نه ڏنو ويو ته پوءِ وڏي بغاوت جو امڪان پيدا ٿي سگهي ٿو. جنهن ڪانپوءِ مون کي جنرل ضياءَ الحق جي دور ڏانهن واپسيءَ جو خطرو نظر اچي ٿو. جڏهن سنڌ ۽ وفاق آمهون سامهون اچي ويا هئا ۽ اقتدار جي ڌرين کي پيپلز پارٽيءَ جو مقابلو ڪرڻ لاءِ متحده قومي موومينٽ جي ضرورت پئجي وئي هئي. اها دعويٰ منهنجي نه، پر اڳوڻي آرمي چيف جنرل مرزا اسلم بيگ جي آهي ته متحده قومي موومينٽ جنرل ضياءَ جي سرپرستيءَ ۾ ٺاهي وئي هئي.

پورٽ سمورن لاڳاپيل ادارن ۽ صوبن جي لاءِ مشعل راهه ثابت ٿيندي. مشڪل ترين عالمي حالتن جي باوجود پاڪستان ۾ پيٽروليم مصنوعات جي فراهمي ۾ ڪو تعطل پيدا نه ٿيو وزيراعظم عوام کي ريليف فراهم ڪرڻ جي لاءِ سبسڊي ڏني جڏهن ته عالمي مارڪيٽ ۾ پيٽروليم مصنوعات جي قيمتن ۾ گهٽتائي جي باوجود فيول ريليف اسڪيم اڃا تائين جاري آهي. هتي پي ٽي وي هيڊڪوارٽرز ۾ قانون واري وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ ۽ ناڻي واري مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني سان گڏ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته وزيراعظم محمد شهباز شريف سدائين خود احتسابي ۽ شفافيت کي نظر ۾ رکيو آهي. 1997ع کان جائزو ورتو وڃي ته پهريون ڀيرو استادن جون ڀرتيون ميرٽ تي ڪيون ويون، بوٽي مافيا جو خاتمو ڪيو ويو ۽ پوري صوبي ۾ ميرٽ تي ٻڌل نظام متعارف ڪرايو ويو پنجاب ۾ سيف سٽي ڪئميرائن کان وٺي فرانزڪ ليب تائين جيڪو به نظام متعارف ڪرايو ويو ان ۾ شفافيت کي يقيني بڻايو ويو هن چيو ته وزيراعظم جي خصوصي هدايتن تي وفاقي حڪومت پاران رسڪ اسيسمنٽ رپورٽ جوڙي وئي آهي، ان جو مقصد خود احتسابي جي ذريعي نظام ۾ موجود خامين ۽ ڪوتاهين جي نشاندهي، سڌارن ۽ بهتري جي لاءِ قابل عمل هدف مقرر ڪرڻ آهي. اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته وفاقي حڪومت جا ڪجهه اهڙا ادارا به بند ڪيا ويا جتي وڏي پئماني تي بدعنواني ۽ سرڪاري وسيلن جي زيان جون شڪايتون هيون. پاڪ پي ڊبليو ڊي کي بند ڪيو ويو جتي سرڪاري فنڊز ۾ وڏي پئماني تي گهپلا ٿيندا هئا. يوٽيلٽي اسٽورز بند ڪري رمضان المبارڪ ۾ مستحق ماڻهن کي ريليف فراهم ڪرڻ جي لاءِ ڊيجيٽل والٽس متعارف ڪرايا ويا. اهڙي طرح پاسڪو ۾ ڪڻڪ جي خريداري ۽ فصلن جي انتظام ۽ انصرام جا معاملا سرانجام ڏنا ويندا هئا. وزيراعظم سمورن شعبن ۾ انقلابي قدم کنيا آهن. پاڪ پي ڊبليو ڊي، پاسڪو ۽ يوٽيلٽي اسٽورز جهڙن غيرضروري ادارن کي بند ڪيو ۽ سدائين شفافيت کي ترجيح ڏني. هن چيو ته ايف بي آر ۾ سڌارن ۽ فيس ليس اپريزل نظام سميت گذريل اڍائي سالن دوران کنيل قدمن جو ماضي ۾ ڪو مثال نه ٿو ملي. ڪنهن به حڪومت پاران احتساب ۽ شفافيت جي فروغ ۽ بدعنواني جي روڪٿام جي لاءِ اهڙي نوعيت جا قدم پنهنجو مثال پاڻ آهن. عطاءَ الله تارڙ چيو ته صوبا به ان حوالي سان ڪيترائي قدم کڻي رهيا آهن. رپورٽ ويب سائيٽ تي اپ لوڊ ٿيڻ ڪانپوءِ سمورن لاڳاپيل ادارن ۽ صوبن کي دستياب هوندي ته جيئن اهي ان جي روشني ۾ پاڻ وٽ به سڌارا متعارف ڪرائي سگهن. رپورٽ ۾ خامين جي نشاندهي سان گڏ مستقبل جي حڪمت عملي پڻ ڏني وئي آهي جيڪا شهرين کي بهتر سهولتن جي فراهمي ۽ پبلڪ سروس ڊيليوري ۾ بهتري جي لاءِ اهم ڪردار ادا ڪندي. هڪ سوال جي جواب ۾ اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته مشڪل ترين عالمي حالتن جي باوجود پاڪستان ۾ پيٽروليم مصنوعات جي سپلاءِ جو ڪو مسئلو پيدا نه ٿيو ۽ وقت سر انتظامن جي ڪري صورتحال معمول موجب رهي. وزيراعظم پاڻ ان صورتحال جي مسلسل نگراني ڪندو رهيو جڏهن عالمي منڊيءَ ۾ پيٽروليم مصنوعات جي قيمتن ۾ هڪدم 50 کان 70 رپيا في ليٽر تائين اضافو ٿي رهيو هو ته وزيراعظم 129 ارب رپين جي سبسڊي فراهم ڪري پاڪستان ۾ تيل جي قيمتن ۾ اضافو ٿيڻ نه ڏنو بعد ۾ جڏهن عالمي سطح تي ٻيهر تيل جي قيمتن ۾ اضافو ٿيو ته فيول ريليف اسڪيم متعارف ڪرائي وئي جيڪا اڃا تائين جاري آهي. ان اسڪيم تحت موٽرسائيڪل سوارن کي هفتي ۾ هڪ ڀيرو 500 رپيا جڏهن ته 800 سي سي گاڏين جي لاءِ في ليٽر پيٽرول تي 100 رپين جي رعايت فراهم ڪئي پئي وڃي. اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته وزيراعظم عالمي منڊيءَ ۾ پيٽرول جون قيمتون گهٽ ٿيڻ جي باوجود فيول ريليف اسڪيم جاري رکڻ جي هدايت ڪئي آهي. هن چيو ته ملڪ ۾ پرائيس ڪنٽرول مئجسٽريٽس، پرائيس ڪنٽرول مڪينزم ۽ ضلعي انتظاميا موجود آهي. انهن کي وڌيڪ هدايت ڪئي ويندي ته کاڌي پيتي جي شين جي مقرر اگهن تي فراهمي يقيني بڻائين. وزيراعظم محمد شهباز شريف فيول ريليف اسڪيم جي ذريعي عوام کي جيترو ٿي سگهيو ريليف فراهم ڪيو آهي. هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ عطاءَ الله تارڙ چيو ته گورننس ۾ بهتري جي گنجائش هر جڳهه موجود هوندي آهي ۽ پبلڪ سروس ڊيليوري کي بهتر کان بهتر بڻائڻ جي لاءِ قدم جاري رهڻ گهرجن. ان حوالي سان هڪ بحث جاري آهي، اسان پنهنجو موقف ڏنو آهي ته عوام جي راءِ سامهون اچڻ گهرجي ۽ ان کي مڃتاهون رکڻ گهرجي. عوامي راءِ جي روشني ۾ جيڪا به اڳتي جي حڪمت عملي طئي ٿيندي، اها سيني جي سامهون هوندي. هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ هن چيو ته پنهنجو گهر اسڪيم سان نه رڳو ڊيولپمينٽ سيڪٽر کي هٿي ملندي پر سيمنٽ، سريو، بجري ۽ فٽنگز سميت اٽڪل 15 صنعتون ان مان فائدو کڻنديون ۽ معيشت جو ڦيٿو اڳتي وڌندو اسڪيم تحت 100 ارب رپين کان وڌيڪ جا قرض آسان شرطن تي ورهايا ويا آهن ۽ پوري پاڪستان جي عوام ان مان فائدو کڻي رهي آهي. اهڙي نوعيت جي اسڪيمن سان صنعت کي هٿي ملندي، روزگار جا موقعا پيدا ٿيندا ۽ معاشي سرگرمين ۾ اضافو ٿيندو. هڪ سوال جي جواب ۾ اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته جيڪڏهن خيبرپختونخواهه ۾ عوامي راءِ پاڪستان تحريڪ انصاف جي حق ۾ هجي ها ته لکين ماڻهو رستن تي نڪرن ها ۽ گورنر راڄ جي خلاف اٿي بيهن ها. سهيل آفريدي ايتري آسانيءَ سان اتان نه هٽي ها. عوامي راءِ سيني ڏسي ورتي آهي. عوامي راءِ جي معاملي تي قياس آرائين ۽ افواهن تي ٻڌل ڳالهه ٻولهه کان پاسو ڪرڻ گهرجي. هن چيو ته گذريل ڏينهن وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ صدر آصف علي زرداري جي وچ ۾ انتهائي سٺي ملاقات ٿي آهي. عطاءَ الله تارڙ چيو ته خود احتسابي جو عمل هر وقت جاري رهڻ گهرجي. سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه سٺو ايڊمنسٽريٽر آهي، هو معاملن کي بهتر انداز ۾ هلائي رهيو آهي. هن هدف مقرر ڪري عوام جي سامهون رکيا آهن جيڪو هڪ مثبت قدم آهي. وزيراعظم اڪثر مختلف کاتن کي اهڙي نوعيت جون رپورٽون جوڙڻ جي هدايت ڪندو آهي ته جيئن خامين جي نشاندهي، بهتري جي امڪانن ۽ معاملن کي اڳتي وڌائڻ جي لاءِ حڪمت عملي طئي ڪري سگهجي. اهو وزيراعظم جي طرز حڪمراني جو سدائين کان حصو رهيو آهي. اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته برآمد ڪندڙن تي سپرٽيڪس ختم ڪيو ويو ۽ انهن کي وڌيڪ سهولتون فراهم ڪيون ويون. آٽو پاليسي کي پوري قوم ساراهي رهي آهي. انهن سمورن قدمن جو مقصد عوام جي لاءِ وڌيڪ سهولت پيدا ڪرڻ آهي. عوامي راءِ بابت جاري بحث ۾ ماڻهن کي پنهنجي راءِ ڏيڻ جو موقعو ملڻ گهرجي. جيڪڏهن عوام صوبا ٺاهڻ جي حق ۾ راءِ ڏي ٿي ته صوبا ٺاهيا وڃن ۽ جيڪڏهن اها ائين نه ٿي چاهي ته صوبا نه ٺاهيا وڃن. هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ هن چيو ته سعودي ڪمپني آرامڪو پاڪستان ۾ سيڙپڪاري ڪئي آهي، ٻين شعبن ۾ به سيڙپڪاري جا موقعا پيدا ٿي رهيا آهن. مائننگ ڪانفرنس ۾ مختلف معاهدن تي صحيحون ٿيون. وزيراعظم هدايت ڪئي ته پوري ويليو چين پاڪستان ۾ قائم ڪئي وڃي، سموري پراسيسنگ ملڪ جي اندر ٿئي ۽ تيار ٿيل مصنوعات هتان ئي برآمد ڪيون وڃن. عطاءَ الله تارڙ چيو ته نيون ڪمپنيون پاڪستان اچي رهيون آهن، منرل ڪانفرنس جو انعقاد ٿيو ۽ ٽيم ورڪ جي ذريعي ملڪ ۾ سيڙپڪاري ۽ ڪاروبار جا موقعا وڌايا پيا وڃن. هن چيو ته پاڪستان کي اهي مشڪلاتون درپيش نه آيون جيڪي خطي جي ٻين ملڪن ڏٺيون آهن.

بقايا *** 02

ڊسٽرڪٽ ۾ حوثي باغين جي حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته شهري انفرا اسٽرڪچر ۽ اقتصادي ٺڪاڻن کي نشانو بنائڻ برداشت نه ڪرڻ جوڳو عمل آهي. يمن جي حوثين سعودي راڄڌاني رياض جي ڪنگ عبدالله فنانشنل ڊسٽرڪٽ ۾ واقع پبلڪ انويسٽمينٽ فنڊ (پي آئي ايف) ٽاور کي ميزائل حملي ۾ نشانو بنايو هو جنهن سان عمارت جي 7 کان 8 منزلن جون دريون ڀڄي پيون هيون ۽ ويجهن عمارتن کي به نقصان پهتو هو پر انهي حملي ۾ ڪوبه جاني نقصان نه ٿيو هو ڪنگ عبدالله فنانشنل ڊسٽرڪٽ تي حملي جي مذمت ڪندي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته حوثي حملا علائقائي امن، استحڪام جي لاءِ خطرو آهن هن چيو ته پاڪستان سعودي عرب ۽ انهي جي عوام سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪري ٿو شهباز شريف چيو ته پاڪستان سعودي عرب جي خودمختاري ۽ علائقائي سالميت جي دفاع جي حق جي مڪمل حمايت ڪري ٿو ۽ سعودي عرب جي شهرين ۽ اتي رهندڙ ماڻهن جي تحفظ جي حق کي به مڃي ٿو هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان خطي ۾ پائيدار امن ۽ استحڪام جي لاءِ سمورين ڪوششن جي حمايت جاري رکندو ياد رهي ته گذريل ڏينهن پرڏيهي وزارت به رياض جي مالياتي ضلعي تي حوثي حملي جي سخت مذمت ڪندي انهي کي سعودي عرب جي خودمختاري جي سنگين ڀڃڪڙي قرار ڏنو هو.

بقايا *** 03

ن ۾ اهم معاملن تي مشاورت ڪئي وئي. رپورٽ موجب وفاقي گهرو وزير محسن نقوي لاهور ۾ منصوره جو دورو ڪيو ۽ جماعت اسلامي پاڪستان جي امير حافظ نعيم الرحمان سان اهم ملاقات ڪئي، جنهن ۾ ملڪي صورتحال ۽ امن امان جي قدمن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ملاقات ۾ ملڪ جي گڏيل صورتحال ۽ امن امان جي قدمن تي تفصيلي ڳالهيون ٿيون. وفاقي گهرو وزير ۽ جماعت اسلامي جي امير آئنده به مشاورت جو سلسلو جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو انهي موقعي تي وفاقي گهرو وزير محسن نقوي چيو ته ملڪ کي پيش ايندڙ چيلنجز کي منهن ڏيڻ جي لاءِ سيني کي پنهنجو موثر ڪردار ادا ڪرڻو آهي. جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان انهي موقعي تي چيو ته عوام کي رليف جي فراهمي سيني کان اهم ترجيح هجڻ گهرجي. مهانگائي جي هن دور ۾ عوام جو گذارو تمام گهڻو ڏکيو بڻجي ويو آهي، حڪومت کي گهرجي ته غريب عوام کي وڌ کان وڌ رليف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا *** 04

جو فيصلو برقرار رکندي ڀيڻ جي آئيني درخواست رد ڪري ڇڏي. جسٽس مزمل اختر شبير درخواست تي 9 صفحن تي ٻڌل لکت ۾ حڪم نامو جاري ڪيو عدالت قرار ڏنو ته ذهني معذوريءَ جو شڪار شخص جو ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ ڪورٽ آف پروٽيڪشن کان سرپرست مقرر ڪرائڻ لازمي ناهي. سول ڪورٽ پاڻ به ذهني معذوريءَ جو جائزو وٺي سگهي ٿي ۽ ڪيس جي حد تائين سرپرست مقرر ڪرڻ جو اختيار رکي ٿي. حڪم نامي ۾ چيو ويو آهي ته ذهني معذوريءَ جو شڪار شخص جي قانوني مفادن جو تحفظ ڪرڻ عدالت جي ذميواري آهي. درخواستگذار عورت جو موقف هو ته سندس ذهني معذوريءَ جو شڪار ڀاءُ صفدر علي جي وراثتي ملڪيت کيس تحفي طور منتقل ڪئي هئي، جنهن ڪانپوءِ ڀاءُ سرپرست ذريعي ملڪيت بابت دعويٰ داخل ڪرائي، پر ان لاءِ قانوني طريقيڪار اختيار نه ڪيو ويو حڪم نامي موجب صفدر علي ذهني طور معذور آهي ۽ پنهنجا معاملا سمجهڻ جي صلاحيت نٿو رکي. سول ڪورٽ کيس ذاتي طور طلب ڪري سوال ڪيا، پر هو پنهنجي نالي ۽ رشتن جي سڃاڻپ کانسواءِ ٻين سوالن جا جواب نه ڏئي سگهيو سول ڪورٽ ڪيس کي ٻڌڻ جوڳو قرار ڏيندي تڪراري ملڪيت وڌيڪ منتقل ڪرڻ کان به روڪي ڇڏيو هو لاهور هاءِ ڪورٽ قرار ڏنو ته سول ڪورٽ کي ذهني معذوريءَ جو تعين ڪرڻ ۽ ڪيس لاءِ سرپرست مقرر ڪرڻ جو اختيار حاصل آهي. ملڪيت وڌيڪ منتقل ٿيڻ جي صورت ۾ نوان ڪيس ۽ قانوني پيچيدگيون پيدا ٿي سگهن ٿيون، تنهنڪري ذهني معذوريءَ جو شڪار شخص جي مفادن جو تحفظ ضروري آهي. عدالت سول ڪورٽ ۽ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج چنيوٽ جا فيصلا درست قرار ڏيندي عورت جي آئيني درخواست خارج ڪري ڇڏي.

بقايا *** 05

پڪين شاهدين جي روشني ۾ اڳيان وڌائڻ جي ضرورت آهي. ياد رهي ته ڊاڪٽر مصدق ملڪ جي سربراهي ۾ پاڪستاني وفد تهذيبي مڪالمي ۾ شرڪت جي لاءِ ڀارتي راڄڌاني نئين دهلي ۾ موجود آهي، جتي وفاقي وزير اڄ شنگهائي تعاون تنظيم (ايس سي او) جي تهذيبي فورم کي خطاب ڪندو نئين دهلي ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي مصدق ملڪ چيو ته خطي جي ملڪن جو هڪ جڳهه جمع ٿيڻ، ڳالهيون ڪرڻ بهتري ۽ اڳڀرائي جي اميد پيدا ڪري ٿو پاڪستان به امن ۽ سلامتي کي هٿي ڏيڻ جي لاءِ ڪيل سنجيده ڪوشش ۾ تعاون ڪندو. ڀارتي صحافي طرفان دهشتگردي بابت سوال تي وفاقي وزير چيو ته پاڪستان پاڻ دهشتگردي سبب سخت متاثر ٿي رهيو آهي. انهي مسئلي تي پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ پروسي جي بحالي لاءِ شفاف طريقيڪار واضح ڪرڻ ضروري آهي. هن چيو ته پاڪستان دهشتگردي جي معاملي تي ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ پروسي لاءِ ڪيترائي ڀيرا شفاف طريقيڪار جي تجويز پيش ڪري چڪو آهي. وفاقي وزير جو وڌيڪ چوڻ هو ته خطي جي مسئلن کي گڏيل الزام تراشي جي بجاءِ پڪين شاهدين جي بنياد تي حل ڪرڻ جي ڪوشش ٿيڻ گهرجي ته جيئن ملڪن جي وچ ۾ اعتماد پيدا ٿئي ۽ امن سلامتي جا گڏيل مقصد حاصل ڪري سگهجن.

بقايا *** 06

رانهن سيني معاملن کان اڳ ٽرمپ هڪ خوشگوار موضوع تي ڳالهائڻ چاهيو ٿي: چين جي اڳواڻ شي جن پنگ ۽ روس جي ولاديمير پيوٽن سان سندس ويجها ذاتي دوستاڻا لاڳاپا. سي اين اين جي رپورٽ موجب ايشيا جي چئن ڏينهن واري دوري تان واپس اچڻ ڪانپوءِ وائيٽ هائوس ۾ ٽرمپ چيو "اسان جا تمام سٺا لاڳاپا آهن. هن ڪمري ۾ ڪجهه ماڻهو چون ٿا ته، 'اوهه، اهو خراب آهي ته هو انهن سان سٺا لاڳاپا رکي ٿو.' منهنجا روس سان سٺا لاڳاپا آهن. چين سان سٺا لاڳاپا آهن. ڪيترن ئي ماڻهن سان منهنجا سٺا لاڳاپا آهن." صدر پنهنجي 90 منٽن واري پريس ڪانفرنس جو وڏو حصو، جنهن دوران هو بار بار اصل موضوع کان هٽي ٻين ڳالهين ڏانهن ويندو رهيو، ٻنهي خودمختيار حڪمرانن جي ساراهه ڪندي گذاريو. باوجود ان جي ته سندس پنهنجي انتظاميا اندر ڊگهي عرصي کان خدشا موجود آهن ته اهي ملڪ اهم معاملن تي آمريڪا خلاف ڪم ڪري رهيا آهن. هن چين ۾ پنهنجي گرمجوشيءَ سان ٿيل استقبال جي ساراهه ڪئي، پيوٽن کي "دوست" سڏڻ واري پنهنجي بيان جو دفاع ڪيو ۽ هڪ تاريخي ٽن ڌرين واري سربراهي اجلاس کي وڏي ڪاميابي قرار ڏنو، جنهن ۾ ڪيترن ئي پيچيده مسئلن تي ڪا خاص اڳڀرائي نه ٿي. پر ملڪ اندر سندس انتظار ڪندڙ اهم مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ هو ڪهڙي حڪمت عملي اختيار ڪندو، ان بابت وٽس تفصيلي جواب گهٽ هئا. ٽرمپ جي پريس ڪانفرنس جا ڇهه اهم نڪتا هي آهن: ٽرمپ پيوٽن کي "دوست" سڏڻ جو دفاع ڪري ٿو دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جي دوري تان واپس اچڻ ڪانپوءِ خوشگوار موڊ ۾ موجود ٽرمپ ڪيترائي ڀيرا پيوٽن سان پنهنجي ويجهڙائيءَ جو دفاع ڪيو. باوجود ان جي ته ٻنهي وچ ۾ باقاعده ڳالهه ٻولهه باوجود هو روس جي يوڪرين خلاف جنگ ختم ڪرائڻ ۾ ڪا خاص اڳڀرائي نه ڪري سگهيو آهي. ٽرمپ هڪ ڀيرو ٻيهر جنگ ۾ وڏي پيماني تي ٿيندڙ جاني نقصان تي افسوس جو اظهار ڪيو ۽ امن قائم ڪرڻ ۾ پيش ايندڙ ڏکيائين تي حيرت ظاهر ڪئي. هن اڳڀرائي نه ٿيڻ جو سبب پيوٽن ۽ يوڪرين جي صدر ولاديمير زيلنسڪي وچ ۾ "وڏي نفرت" کي قرار ڏنو پر هن ڏکين ڳالهين کي جزوي طور "پبلڪ رليشنز جي جنگ" پڻ قرار ڏنو ۽ هڪ موقعي تي اشارو ڏنو ته روس جو حملو "هڪ ڏينهن تائين هلڻ گهرجي ها". اهو بيان يوڪرين کي پنهنجي دفاع لاءِ ٽرمپ جي جاري حمايت بابت ٿورو ئي اطمينان ڏئي سگهندو.

بقايا *** 07

ي ۾ طاقتور ڏسڻ چاهيون ٿا، فوج کي پنهنجي مقابلي ۾ طاقتور نٿا ڏسڻ چاهيون. جي يو آءِ (ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان پشاور هاءِ ڪورٽ بار کي خطاب ڪري چيو ته مون کي دعوت ڏيڻ تي مان هاءِ ڪورٽ بار جو ٿورائتو آهيان اهو اجتماع ملڪ جي دانشور ماڻهن جو اجتماع آهي، خواهش آهي ملڪ جي موجوده صورتحال تي ڪجهه سفارشون پيش ڪريان پاڪستان ۾ 3 قسم جا نظريات رکندڙ ماڻهو پاڪستان جي وجود جي تشريح ڪندا آهن. 1973ع تي اسلامي نظرياتي ڪونسل کي جوڙيو ويو. مولانا فضل الرحمان چيو ته اڄ تائين اسلامي نظرياتي ڪونسل جي ڪنهن هڪ سفارش تي قانونسازي نه ٿي سگهي، اسان جي معيشت ڪٿي بيٺل آهي، اسان جي برآمدات جي پوزيشن ڪٿي آهي، ڊالر جي مقابلي ۾ اسان جي روپئي جي قدر ڪيتري آهي؟ اڄ مهانگائي جي شرح ڇا آهي؟ پنهنجي خطي جي ملڪن سان ڀيٽ ڪئي وڃي، اڄ اسان ڪٿي بيٺل آهيون؟ انهي جو ذميوار ڪير آهي؟ سياستدانن کي ذميوار چيو ويندو آهي. سياستدان اهڙي گهوڙي تي سوار ڪيا وڃن ٿا جنهن جو ڪنٽرول سياستدان جي هٿ ۾ نه هوندو آهي. جي يو آءِ سربراهه چيو ته اسان جمهوريت جو جيڪو حشر ڪيو آهي انهي سان ڪير آهي جيڪو ملڪي نظام مان مطمئن هجي، اسان ڊگهي وقت کان صوبن جي اختيارن جي جنگ وڙهي آهي. يا ته اسان چئن صوبن کي هڪ صوبو ٺاهيو يا ته هر صوبي جي خبر نه آهي ڪيترا ٽڪرا ڪري ڇڏيا، هن وقت اهي مطالبا غداري سمجهيا وڃن ٿا اڄ خبر ناهي ته ڪهڙي طرح صوبن جا ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جي ڳالهه آئي، اسان جي صوبي ۾ گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لڳائي وئي، مولانا فضل الرحمان چيو ته جيڪڏهن دهشتگردي گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي جي ڪري آهي ته ڇا بلوچستان جون حالتون اهڙيون نه آهن. معدني ذخيرن جي بل کي بلوچستان پاس ڪيو هتي پاس نه ٿيو. بلوچستان ۾ انهي لاءِ گورنر راڄ نه لڳو. ماضي ۾ اسان چيو فاٽا کي پراڻي حيثيت ۾ رکو يا ڪي پي ۾ ئي رکو انهي جو فيصلو اتان جا ماڻهو ڪندا. مون کي انهي وقت چيو ويو ته مولانا اوهان مخالفت ڇو ڪري رهيا آهيو. اسان تي آمريڪي دٻاءُ آهي، هاڻ ٻيهر فاٽا کي وفاق جي انتظام هيٺ آندو پيو وڃي. هن چيو ته مون کي وفاقي وزيرن ٻڌايو آهي، انهن جو خيال هو ته مولانا خوش ٿيندو هنن کي سڀ معدني ذخيرا فاٽا ۾ نظر آيا آهن انهي لاءِ فاٽا کي وفاق جي انتظام هيٺ ڪيو پيو وڃي. فاٽا ۾ پوليٽيڪل ايجنٽ وارو نظام واپس آندو پيو وڃي. اسان جي قبائلي علائقن ۾ ڇنڇر ۽ آچر تي ڪرفيو لڳايو ويندو آهي، انهن ٻن ڏينهن ۾ اسان جا قيمتي اثاثا ڪٽي ويندا آهن. ڇا اڄ ڪوبه دهشتگرد صوبي ۾ نه آهي؟ اتي هاڻ مڪمل امن امان آهي. هن جو چوڻ هو ته امان آهي ته اسان جي سيڪيورٽي واپس ورتي وئي، پنهنجن مفادن جي لاءِ تڪراري سياست ڪئي پئي وڃي، اسان صوبن جي حقن جون ڳالهيون ڪندا آهيون، اسان جي ايجنڊا کي پورو ڪرڻ جي لاءِ جعلي اسيمبليون ٺاهيون پيون وڃن. اسان فوج جي خلاف نه آهيون، اسان جي فوج اسان جي دفاعي طاقت آهي. فوج کي دشمن جي مقابلي ۾ طاقتور ڏسڻ چاهيون ٿا، فوج کي پنهنجي مقابلي ۾ طاقتور نٿا ڏسڻ چاهيون. مولانا فضل الرحمان چيو ته هن وقت سمورن مسئلن جو حل شفاف چونڊن ۾ آهي. شفاف چونڊون وقت جي ضرورت آهي. هن وقت سمورا مسئلن جو حل شفاف چونڊن ۾ آهي. عمري کان آيس ته پي ٽي آءِ جو وفد مليو اتان کان پي ٽي آءِ مارچ شروع ٿيو. حڪومت چيو ته اسلام آباد اچڻ نه ڏينداسين، حڪومت مداخلت جو چيو ڪال آئي ته وزيراعظم ماني تي گهرايو. مون چيو مون سان گڏ منهنجي ٽيم ايندي، اسان وياسين تفصيلي ڳالهيون ٿيون. اسان پي ٽي آءِ جا مطالبا سامهون رکيا انهن جو نڪته نظر به سمجهيو پي ٽي آءِ کي احوال ٻڌايو انهن چيو اسان جا مطالبا مڃيا وڃن اسان لانگ مارچ ختم ڪري ڇڏينداسين. هن چيو ته مان نماز جي وقت ويس، مون کي چيو ويو ته ڪابينه چيو آهي ته هر صورت ۾ گورنر راڄ لڳائڻ گهرجي. جيڪا ڪابينه ڪائين جي سهاري هلي ڇا انهي ۾ همٿ آهي ته اها اهو جواب ڏئي، اهڙي حڪومت کي ڇا چوان جيڪا ڪمٽمنٽ جي باوجود ائين ڪري. هينئر تائين موجوده حڪومت جي دهشتگردن بابت ڪهڙي ڪارڪردگي آهي. وزيراعظم اڄ اوهان پي ٽي آءِ باني سان ملاقات ۽ پنجاب ۾ انهن جي ماڻهن کي به آزاد ڪرائي رهيا آهيو.

بقايا *** 08

پيئڻ سبب گهٽ ۾ گهٽ 11 ماڻهو فوت ۽ 181 ڄڻن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. پرڏيهي ميڊيا مطابق اهو واقعو رياست جي چنڊيل ضلعي ۾ پيش آيو. رياست جي وڏي وزير يمنام کيمچند سنگهه طبي عملي کي متاثر ماڻهن جي بهتر علاج ۽ ضروري سهولتون فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. هن چيو ته واقعي بابت انڪوائري ڪئي ويندي ۽ ذميوارن کي سزا ڏني ويندي. ٻئي پاسي ضلعي انتظاميه شهرين کي مقامي طور تي تيار ڪيل شراب واپرائڻ ۽ شڪي ذريعن مان حاصل ٿيندڙ الڪوحل ۽ ٻين مشروبات جي استعمال کان پاسو ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي.

بقايا *** 09

واسي خوف وچان گهرن کان ٻاهر نڪري آيا. آمريڪي جيالوجيڪل سروي موجب زلزلي جا لوڏا ڇنڇر تي گادي واري هنڌ ليما ۾ به محسوس ڪيا ويا. جڏهن ته زلزلي جي گهرائي 108 ڪلوميٽر رڪارڊ ڪئي وئي. زلزلي کان پوءِ ڪنهن به قسم جي جاني يا مالي نقصان جا اطلاع نه مليا آهن جڏهن ته سونامي جي به وارننگ جاري نه ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 10

چونڊ لاءِ اميدوارن جي حمايت جاچڻ جي حوالي سان نائون غير رسمي ڳجهو چونڊ مرحلو مڪمل ٿي ويو آهي. سلامتي ڪائونسل جي نومبر لاءِ صدر ۽ گڏيل قومن ۾ لٽويا جي سفير سانتيا پالوتاديس لينڊز ٻڌايو ته چونڊ مرحلي جا نتيجا هر اميدوار کي نامزد ڪندڙ ميمبر ملڪ جي مستقل نمائندي ذريعي لاڳاپيل اميدوار تائين پهچايا ويندا. جڏهن ته گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي صدر کي پڻ ان عمل کان آگاهه ڪيو ويندو واضح رهي ته سلامتي ڪائونسل اميدوارن جي پوزيشن جاچڻ لاءِ بند ڪمري ۾ غير رسمي راءِ شماري ڪرائيندي آهي جنهن جا نتيجا باضابطا طور جاري نه ڪيا ويندا آهن.

بقايا *** 11

۾ گهٽ گرمي پد 16.6 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو، جڏهن ته گذريل رات ٿڌ ۾ پڻ اضافو ٿيو موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته اڄ وڌ ۾ وڌ گرمي پد 31 کان 33 ڊگري سينٽي گريڊ تائين رهڻ جو امڪان آهي. شهرقائد ۾ اڄ صبح هوا ۾ گهم جو تناسب 41 سيڪڙو رڪارڊ ڪيو ويو جڏهن ته اوڀر طرف کان 7 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان هوائون گهلي رهيون آهن.

بقايا *** 12

حال وڌيڪ خراب ٿي سگهي ٿي. سنڌ ۽ بلوچستان ۾ جولاءِ کان نومبر تائين لڳاتار معمول کان گهٽ برساتون پيون آهن. سنڌ ۾ سيپٽمبر دوران معمول کان 90 سيڪڙو گهٽ برساتون رڪارڊ ڪيون ويون، جڏهن ته آڪٽوبر ۾ برساتن جي شرح ۾ 100 سيڪڙو گهٽتائي ٿي. اهڙيءَ طرح پهرين کان 20 نومبر تائين سنڌ ۾ معمول کان 99 سيڪڙو گهٽ برساتون پيون. موسميات کاتي ٻڌايو ته بلوچستان ۾ آڪٽوبر دوران معمول کان 80 سيڪڙو گهٽ برساتون رڪارڊ ڪيون ويون، جڏهن ته نومبر جي پهرين 20 ڏينهن ۾ برساتن ۾ 79 سيڪڙو گهٽتائي ڏني وئي. ٻئي طرف ڊسمبر کان فيبروري تائين سنڌ، بلوچستان ۽ ڏکڻ پنجاب ۾ معمول کان گهٽ برساتن جو امڪان آهي. برساتن جي کوٽ سبب ربيع جي فصلن کي نقصان پهچي سگهي ٿو جڏهن ته برساتن نه پوڻ سبب زمين ۾ نمي گهٽجڻ ۽ زيرزمين پاڻي جي ذخيرن تي دٻاءُ وڌڻ جو خدشو آهي. ان کانسواءِ برساتن تي ڀاڙيندڙ علائقن ۾ فصل پوکيندڙ ۽ چوپايو مال پاليندڙ خاندانن کي وڌيڪ خطرا درپيش آهن. صوبائي حڪومتن کي ڏڪار کان متاثر ٿي سگهندڙ علائقن ۽ آبادين جي نشاندهي ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. موسميات کاتي موجب ڏڪار بابت الرٽ رڳو احتياطي قدم آهي. هنگامي صورتحال جو اعلان ناهي ڪيو ويو. ڏڪاري صورتحال جو ايندڙ جائزو 5 ڊسمبر تي جاري ڪيو ويندو.

بقايا *** 13

ن پاران اجرڪن ۽ گلن جي ورکا ڪندي شاندار استقبال ڪيو ويو ان موقعي تي ڪارڪنن پاران گلن جي ورکا ڪري نعريبازي ڪئي وئي. استقبال دوران سياسي ۽ قومي معاملن بابت پڻ ڳالهيون ڪيون ويون. ان موقعي تي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ضلع بدين جو اڳواڻ امير آزاد پنهور پڻ موجود هئو ريلي کي خطاب ڪندي سيد زين شاهه چيو ته سنڌ ڌرتي اسان جي سڃاڻپ آهي، سنڌ کي ورهائڻ جي ڪنهن به سازش کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين. سنڌ جي وحدت ۽ بقا لاءِ هر فورم تي آواز اٿارينداسين. هن چيو ته سنڌ جي عوام کي پنهنجي ڌرتي، وسيلن ۽ حقن جي تحفظ لاءِ اسان جو ساٿ ڏيڻ گهرجي، چوته سنڌ جي وحدت جو تحفظ هر سنڌيءَ جي گڏيل ذميواري آهي. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي حقن لاءِ پرامن ۽ جمهوري جدوجهد جاري رهندي.

بقايا *** 14

آهي. ريلوي اختيارين جو چوڻ آهي ته پشاور ويندڙ جعفر ايڪسپريس اڄ روانو نه ٿيندي، جڏهن ته جناح پيپلز ٽرين سروس پڻ معطل رهندي. پشاور کان ڪوئيٽا ايندڙ جعفر ايڪسپريس کي جيڪب آباد تائين محدود ڪيو ويو آهي.

بقايا *** 15

جي ڪنهن منصوبي کان اڃا تائين آگاهه نه ڪيو ويو. اليڪشن ڪميشن جي ڪنهن ذريعي ڊي نيوز کي ٻڌايو ته اي سي پي سان اڃا تائين رابطو نه ڪيو ويو، باضابطه درخواست ملڻ ڪانپوءِ ڪميشن کي تياري لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 2 مهينا گهربل هوندا. ذريعن وڌيڪ ٻڌايو ته وفاقي ڪابينا به هن منصوبي کي باضابطه طور تي [illegible] ڳالهه ٻولهه نه ڪئي. جڏهن ته وفاقي وزير صحت مصطفيٰ ڪمال هن ڳالهه جو اعتراف ڪيو آهي.

بقايا *** 16

۽ رد ڪندي سينيٽ جي تناسب سان نمائندگي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ذريعن موجب وفاقي وزير پارلياماني معاملا طارق فضل چوڌري پي ٽي آءِ چيف وهپ عامر ڊوگر کي حڪومتي موقف کان آگاهه ڪيو. ذريعن موجب حڪومت جو چوڻ آهي ته پارلياماني ڪميٽين ۾ حڪومت ۽ اپوزيشن کي هڪجهڙي نمائندگي ڏيڻ جو ڪو مثال موجود ناهي طارق فضل چوڌري ٻڌايو ته سڌارن واري ڪميٽي ۾ پي ٽي آءِ کي قومي اسيمبلي مان 5 ۽ سينيٽ مان 2 ميمبرن جا نالا فراهم ڪرڻ لاءِ چيو ويو آهي، هن جو چوڻ آهي ته چونڊ سڌارن بابت ماضي ۾ قائم سمورن پارلياماني ڪميٽين جو رڪارڊ ڏنو آهي ۽ فارمولو اڳين پارلياماني روايتن موجب آهي. وفاقي وزير پارلياماني معاملن پي ٽي آءِ جي مطالبي کي رد ڪري ڇڏيو جي تصديق ڪندي چيو ته چونڊ سڌارن واري ڪميٽي جي جوڙجڪ بابت حڪومتي فارمولي تي پي ٽي آءِ جو اعتراض قابل قبول ناهي. ٻئي طرف عامر ڊوگر طارق فضل چوڌري جي بيان تي ردعمل ڏيندي چيو ته هو حڪومتي فيصلن کان پارٽي قيادت کي آگاهه ڪندو. ذريعن موجب عامر ڊوگر جو چوڻ آهي ته چونڊ سڌارن واري ڪميٽي ۾ شموليت بابت حتمي فيصلو پارلياماني پارٽي ۽ اپوزيشن ليڊرن سان مشاورت ڪانپوءِ ڪيو ويندو.

بقايا *** 17

ايپلن جي ٻڌڻي 25 نومبر تي مقرر ڪري ڇڏي آهي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي رجسٽرار ٻڌڻيءَ جي ڪاز لسٽ جاري ڪري ڇڏي. چيف جسٽس سردار سرفراز ڊوگر ۽ جسٽس محمد آصف تي ٻڌل ٻن رڪني بينچ ايپلن جي ٻڌڻي ڪندي. گذريل ٻڌڻيءَ تي پي ٽي آءِ باني جي وڪيل بيرسٽر سلمان صفدر تياري لاءِ ٻن هفتن جي مهلت گهري هئي، پر عدالت هڪ هفتي جي مهلت ڏني ۽ رڳو هڪ هفتي جو وقت ڏنو هو بيرسٽر سلمان صفدر ايپلن جي ٻڌڻي سنئين نشر ڪرڻ جي به درخواست ڏئي چڪو آهي.

بقايا *** 18

۾ ڪم حاصل ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪيا ويندا. ان قدم جو اعلان سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ڪندي چيو ته فري لانسنگ سڄي دنيا ۾ روزگار ۽ آمدني جو هڪ اهم ذريعو بڻجي چڪي آهي ۽ سنڌ جي نوجوانن ۾ بي پناهه صلاحيتون موجود آهن. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته انهن کي عالمي مارڪيٽ تائين رسائي ڏني وڃي ۽ آسان پهچ فراهم ڪئي وڃي، هڪ بيان ۾ سنڌ جي سينيئر ۽ صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت نوجوانن لاءِ فري لانسنگ ۽ گهر ويٺي روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ لاءِ قدم شروع ڪري ڇڏيا آهن. اسان جو مقصد آهي ته سنڌ جا هنرمند نوجوان پنهنجي شهر يا ڳوٺ ۾ رهندي عالمي آمدني حاصل ڪري سگهن [illegible] ڊجيٽل فري لانسنگ ۽ انٽرنيشنل بڊنگ جو خاص نظام متعارف ڪرايو ويندو جنهن ذريعي عالمي فري لانسنگ منصوبن ۽ پروجيڪٽس جا تفصيل [illegible] پليٽ فارم تي دستياب هوندا [illegible] عالمي سطح تي موجود منصوبن جي حاصلات لاءِ [illegible]، جڏهن ته حاصل ٿيندڙ پروجيڪٽس سنڌ جي هنرمند فري لانسرن، پروفيشنلز ۽ ڪاروباري ادارن کي فراهم ڪيا ويندا. هن قدم جو بنيادي مقصد صوبي جي نوجوانن کي عالمي مارڪيٽ ۾ ڪم حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجي مهارتن ذريعي آمدني ڪمائڻ جي قابل بڻائڻ آهي. سنڌ حڪومت جي انهن ڪوششن سان نوجوانن لاءِ روزگار جا نوان رستا کلي پوندا ۽ صوبي ۾ ڊجيٽل معيشت جي واڌ ويجهه سان گڏ پرڏيهي ناڻي جي حاصلات ۾ پڻ مدد ملندي. سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ وڌيڪ چيو ته فري لانسنگ جي شعبي ۾ عورتن جي شموليت وڌائڻ لاءِ پڻ هڪ خاص فيچر متعارف ڪرايو ويو، جنهن ذريعي عورتون گهر ويٺي ڪم ڪري سگهنديون [illegible]. اسان چاهيون ٿا ته سنڌ جا نوجوان پنهنجي صلاحيتن ۽ مهارتن کي استعمال ۾ آڻيندي صوبي جي ڊجيٽل معيشت جو سرگرم حصو بڻجڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن.

بقايا *** 19

ي رستو اختيار ڪرڻ جو خواهشمند آهي. پنهنجي بيان ۾ عباس عراقچي چيو ته آمريڪا سان ثالثن ذريعي پيغامن جي ڏي وٺ جاري آهي. هن چيو ته ايران اهڙو معاهدو چاهي ٿو جيڪو مستقبل ۾ جنگ جو رستو روڪي، جڏهن ته افزود يورينيم ايران کان ٻاهر نه موڪليو ويندو عراقچي چيو ته آبناءِ هرمز ايران جون شرطون پوريون ٿيڻ تائين بند رهندي، ڳالهين کي اڳتي وڌائڻ لاءِ اڳ آمريڪا جي سنجيدگيءَ جي ضمانت چاهيون ٿا. هن وڌيڪ چيو ته اين پي ٽي بابت ايران جي موقف ۽ جوهري نظريي ۾ ڪا به تبديلي ناهي آئي.

بقايا *** 20

ي اصل شڪل ۾ بحال ڪيو ويو آهي ۽ سنڌ جي پارلياماني ۽ جمهوري تاريخ ۾ ان جي خاص اهميت آهي. هن ياد ڏياريو ته 1947ع ۾ پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ سنڌ اسيمبلي، قومي اسيمبلي جو حصو بڻجي وئي، جڏهن ته اين جي وي اسڪول ۾ موجود پراڻو اسيمبلي هال صوبائي قانون سازي جي ڪارروائي جي جاءِ طور ڪم ايندو رهيو وڏي وزير چيو ته جڏهن هو مرمت ٿيل هال ۾ داخل ٿيو ته کيس ائين محسوس ٿيو ڄڻ هو گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي ۾ پهچي ويو هجي، ڇاڪاڻ ته ٻارن مهمانن کان ڏکيا سوال پڇيا. ٻارن جي سوالن ۽ پراعتماد شرڪت ڏانهن اشارو ڪندي هن مسڪرائيندي چيو ته "الله تعاليٰ" اسان جي عزت رکي ڇڏي." آڪٽوبر 1855ع ۾ 68 شاگردن سان قائم ٿيل اين جي وي (NJV) کي سنڌ جو پهريون سرڪاري اسڪول مڃيو ويندو آهي ۽ ان جي موجوده تاريخي عمارت، جيڪا 1876ع ۾ مڪمل ٿي، ڪراچي جي تعليمي ۽ تعميراتي ورثي جو هڪ اهم حصو آهي. هيءَ عمارت ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌ جي شروعاتي پارلياماني ڪارروائين جي به شاهد رهي آهي. مراد علي شاهه چيو ته اين جي وي رڳو هڪ اسڪول ناهي پر سنڌ جي تعليمي، سياسي ۽ جمهوري ورثي جو هڪ اهم حصو آهي. هن تجويز ڏني ته هن تاريخي جاءِ کي عجائب گهر ۾ تبديل ڪيو وڃي ته جيئن ايندڙ نسل صوبي جي تاريخ، سڃاڻپ ۽ جمهوري سفر کي سمجهي سگهن. مرمت ٿيل هال جي افتتاح ڪانپوءِ، وڏو وزير صدارتي ڪرسي تي ويٺو ۽ استادن ۽ شاگردن سان گڏ گروپ فوٽو ڪڍرايو. [illegible] سوال جواب جي نشست ۾ حصو ورتو [illegible] ۽ سندن پرفارمنس ۾ پڻ شريڪ ٿيو. بعد ۾ [illegible] ڪمپيوٽر ليب جي افتتاح [illegible] ٽيبلوز پيش ڪيا، جنهن کي وڏي وزير ساراهيو.

بقايا *** 21

دوران اسرائيلي آبادڪارن جي ڪيل 400 کان وڌيڪ حملن جي نتيجي ۾ ڪيترائي فلسطيني شهري زخمي ٿي پيا جڏهن ته حملن دوران 4 هزار کان وڌيڪ وڻن ۽ ٻوٽن کي تباهه ڪيو ويو. ميڊيا رپورٽن مطابق گڏيل قومن جي انساني معاملن واري اداري جاري ڪيل پنهنجي تازي رپورٽ ۾ ٻڌايو آهي ته هلندڙ سال زيتون جي فصل جي ڪٽائي واري موسم ۾ اسرائيلي آبادڪارن جي حملن جي تعداد ۾ اضافو ٿيو آهي. اولهه ڪناري ۾ 80 هزار کان هڪ لک تائين فلسطيني ڪٽنبن جو روزگار زيتون ۽ زيتون جي تيل جي پيداوار سان لاڳاپيل آهي. جڏهن ته اهو شعبو فلسطين جي زرعي قومي پيداوار ۾ اٽڪل 15 سيڪڙو حصو رکي ٿو گڏيل قومن اسرائيلي عملدارن کي زور ڀريو آهي ته اسرائيلي آبادڪارن جا حملا فوري طور تي بند ڪرايا وڃن ۽ فلسطيني آبادڪارن کي پنهنجي زمينن تائين رسائي فراهم ڪئي وڃي، حملن ۾ ملوث ماڻهن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي.

بقايا *** 22

جو اظهار ڪندي سمورين ڌرين کان شهري آبادي ۽ بنيادي شهري ڍانچن جي تحفظ ۽ تڪرار جي حل لاءِ سياسي ڳالهين جي بحالي جو مطالبو ڪيو آهي. ميڊيا رپورٽن موجب گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوٽيرس جي نائب ترجمان فرحان حق چيو آهي، ته عالمي ادارو يمن جي بندرگاهه الحديده، سعودي قيادت ۾ اتحاد جي فضائي حملن، صنعا، عمران ۽ تعز [illegible] ۾ جاري فوجي ڪارروائين ۽ سعودي عرب تي حوثي حملن جي اطلاعن تي گهري نظر رکي آهي، [illegible] ضروري آهي ته شهرين ۽ شهري ڍانچن کي تحفظ ڏنو وڃي [illegible].

بقايا *** 23

ڪراچي جي هائوس ۾ سفير نوئل پيرئر (Jean_Noel Poirier) سان ملاقات ڪئي جنهن ۾ ٻطرف اقتصادي تعاون، ڪاروباري روابط کي مستحڪم ڪرڻ ۽ ترقي جي منصوبن ۾ فرانسيسي سرمائيڪاري [illegible] تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. [illegible] پوليٽيڪل ڪائونسلر، اڪنامڪ ڪلچرل ڪائونسلر جڏهن ته آصف علي زرداري جي پرنسپل سيڪريٽري [illegible] وفد جي خيرمقدم ڪندي چيو ته سنڌ ۾ عوامي پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت سرمائيڪاري لاءِ ڪافي موقعا موجود آهن. [illegible] 35 ڪروڙ گيلن ڪندي پاڻي [illegible] 200 ڊالرن جي [illegible] شعبن ۾ سيڙپڪاري لاءِ تيار آهن.

قدمن وارو آرڊيننس 2026 (مخصوص ضلعن) ۽ خيبر پختونخوا خاص قدمن وارو آرڊيننس 2026 (مخصوص ضلعن ڪانسواءِ) جي منظوري ڏني وئي آهي. خيبر پختونخوا صوبائي اسيمبلي (اختيار، ڇوٽ ۽ مراعتن) (ترميمي) آرڊيننس 2026 جي پڻ منظوري ڏني وئي آهي. خيبر پختونخوا سماجي ادارن (رجسٽريشن) (ترميمي) آرڊيننس 2026 جي به منظوري ڏني وئي آهي. مملڪتي صدر جي ايوان پاران جاري ڪيل پڌرائي موجب خيبر پختونخوا اسيمبليءَ جي اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر (پگهارن، الائونسز ۽ مراعتن) آرڊيننس 2026 جي پڻ منظوري ڏني وئي آهي.

بقايا *** 25

جي روزگار ۽ قومي معيشت جو هڪ اهم ذريعو آهي جڏهن ته مهاڻن جي معاشي مدد ۽ کين محفوظ روزگار جي فراهمي سنڌ حڪومت جي پهرين ترجيحن ۾ شامل آهي. وڏي وزير سنڌ جو چوڻ هو ته آبي جيوت جو تحفظ ماحول جي بهتري ۽ پائيدار روزگار لاءِ ناگزير آهي. هن صوبائي حڪومت جي قدمن تي روشني وجهندي ٻڌايو ته مهاڻن کي ٻارڻ تي سبسڊي سميت آئس باڪس ۽ حفاظتي جيڪيٽون فراهم ڪيون پيون وڃن جڏهن ته سندن سهولت لاءِ ساحلي علائقن ۾ جيٽيون پڻ تعمير ڪيون ويون آهن. ان کان علاوه مهاڻن کي جديد طريقيڪار بابت آگاهي ۽ تربيت پڻ ڏني پئي وڃي. سيد مراد علي شاهه ساموندي وسيلن جي تحفظ تي زور ڏيندي چيو ته غيرقانوني ڄار جي استعمال ۽ ممنوعه شڪار کي روڪڻ تمام گهڻو ضروري آهي.

بقايا *** 26

هيءَ هڪ ٿي رهندي، صوبي جي ورهاڱي بابت ڪنهن به تجويز کي قبول نه ڪيو ويندو نئين صوبي جي قيام لاءِ آئين ۾ واضح طريقيڪار موجود آهي، جنهن تحت لاڳاپيل صوبائي اسيمبليءَ ۾ ٻه ٽهائي اڪثريت لازمي آهي. سنڌ جي وحدت تي ڪنهن به قسم جو ڪو ٺاهه نه ڪيو ويندو صوبائي وزير ناصر شاهه قاسم آباد ۾ لائبريري جو سنگ بنياد رکڻ واري تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن ترقي ۽ خوشحالي آهي، جنهن تحت سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ترقياتي منصوبا شروع ڪيا ويا آهن. حيدرآباد لاءِ اربين رپين جو خصوصي ترقياتي پيڪيج ڏنو ويو آهي، [illegible] ڪم ٻيهر شروع ڪرايا ويا آهن ۽ گرلز ميڊيڪل يونيورسٽي جو منصوبو پڻ جاري آهي، صوبائي وزير جو چوڻ هو ته قاسم آباد ۾ [illegible] لائبريري جي قيام جو ڪم شروع ڪيو ويو آهي، دائود پوٽا لائبريري ٻاهران نوجوانن جون ڊگهيون قطارون لڳل هونديون آهن. تنهنڪري نوجوانن کي بهتر تعليمي ۽ مطالعاتي سهولتون فراهم ڪرڻ وقت جي ضرورت آهي. نوجوانن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۽ کين اڳتي وڌڻ جا موقعا ڏيڻ لاءِ تعليمي ادارا قائم ڪيا پيا وڃن ناصر حسين شاهه وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ته پيپلزپارٽي صوبي کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي، پر جيڪڏهن ائين هجي ها ته عوام هر چونڊ ۾ پيپلز پارٽي کي ووٽ ڇو ڏئي ها؟ هن چيو ته سمورين سياسي مشڪلاتن باوجود پيپلز پارٽي عوام جو اعتماد حاصل ڪندي رهي آهي. شرجيل انعام ميمڻ کي جيل ۾ هجڻ باوجود عوام ووٽ ڏنا، تنهنڪري سياسي بيانن ۽ تنقيد کي حقيقتن جي روشنيءَ ۾ ڏسڻ گهرجي. هن چيو ته بلاول ڀٽو زرداري جو واضح موقف آهي ته وزيراعظم کي مضبوط ڏسڻ چاهيون ٿا، پر وزيراعظم طرفان هن وقت تائين صوبن بابت اهڙي ڪا ڳالهه سامهون نه آئي آهي. وفاقي وزيرن، واپاري شخصيتن ۽ ڪجهه دانشورن پاران نون صوبن جي قيام ۽ ريفرنڊم بابت فارمولو پيش ڪرڻ غيرضروري بحث کي جنم ڏئي رهيو آهي. جيڪڏهن نوان صوبا ٺاهڻا آهن ته ان لاءِ آئين ۾ واضح طريقيڪار موجود آهي. صوبائي وزير وڌيڪ چيو ته سنڌ اسيمبلي مختلف وقتن تي صوبي جي ورهاڱي خلاف قراردادون منظور ڪري چڪي آهي ۽ سنڌ جو هر شهري پنهنجي صوبي جي وحدت بابت واضح موقف رکي ٿو هن وڌيڪ چيو ته اسان سڀ بلاول ڀٽو زرداري سان گڏ آهيون ۽ سنڌ جي وحدت تي ڪنهن به صورت ۾ ٺاهه نه ڪيو ويندو.

بقايا *** 27

الرحمان کي روڪيو ويو. ضياءالرحمان جنرل سيڪريٽري جي يو آءِ سنڌ راشد محمود سومرو سان گڏ ڪراچي پهتو هو. راشد محمود سومرو جي استقبال لاءِ جي يو آءِ جا ڪيترائي ڪارڪن ڪراچي انٽرنيشنل ايئرپورٽ ٻاهران بيٺل هئا جيڪي ضياءالرحمان جي استقبال جي انتظار ۾ هئا. اميگريشن اختيارين ضياءالرحمان کي [illegible] گهرو وزارت کي اي سي ايل ذريعي آگاهه ڪرڻ کان پوءِ اسلام آباد کان جواب [illegible] ضياءالرحمان کي وڃڻ جي اجازت ڏني وئي.

بقايا *** 28

گهرجن. نجي چينل جي پروگرام ۾ ڳالهيون ڪندي خواجه آصف چيو ته نون صوبن جي حوالي سان مسلم ليگ (ن) طرفان ڪي به خدشا سامهون نه آيا آهن. وزيراعظم انهي ايجنڊا کي ڪٿي هلي رهيو آهي ۽ چاهي ٿو ته انهي معاملي تي اتفاق راءِ پيدا ٿئي. هن چيو ته وزيراعظم صدر آصف زرداري ۽ ٻين ماڻهن سان به ملاقاتون ڪيون آهن. نون صوبن جي لاءِ ڪو نه ڪو رستو ضرور نڪرندو صوبن جي معاملي تي پيپلزپارٽي لچڪ نه ڏيکاري ته ٻيو ڪو رستو نڪرندو. جيڪڏهن رستا بند ڪرڻ شروع ڪيا ويا ته اهو سياست، ملڪ ۽ عوام جي لاءِ سٺو سلسلو نه هوندو دفاع واري وزير چيو ته ڇا دنيا ۾ نوان صوبا نا بڻجن؟ سياست ۾ ڳالهيون ٿيڻ گهرجن. [illegible] ڳالهيون ٿينديون آهن ته اهو سوال پيدا ٿئي ٿو [illegible] معاملي کي ڪهڙي طرف آندو پيو وڃي. خواجه آصف وڌيڪ چيو ته نون صوبن جي بحث ۾ سياستدانن جا ذاتي ايجنڊا سامهون آيا آهن. ملڪ ۾ هائبرڊ سسٽم هلي رهيو آهي، انهي نظام ۾ اسان کان علاوه ٻيا به پارٽنر موجود آهن.

راڻا ثناءالله چيو ته محسن نقوي نون صوبن جي بحث شروع ڪئي آهي بلاول ڀٽو نون صوبن جي مخالفت ڪري رهيو آهي. هن چيو ته صدر زرداري کي گهرجي ته اهو پنهنجي ٻنهي پٽن کي سمجهائي ته صوبن جي بحث کي آلوده ڪرڻ سان ڪجهه به حاصل نه ٿيندو عوام جي راءِ سان نوان صوبا ضرور بنجڻ گهرجن. راڻا ثناءالله چيو ته محسن نقوي ۽ بلاول ڀٽو ٻئي آصف علي زرداري جا تابع آهن انهي ڪري صدر زرداري کي گهرجي ته اهو ٻنهي کي سمجهائي.

بقايا *** 30

جي اجازت ڏني وڃي چڪي آهي. وزارت خزانه جي اعلاميي ۾ کنڊ جي برآمد جي مقدار جو ذڪر نه ڪيو ويو. تنهن هوندي به اي سي سي وزارت قومي غذائي تحفظ ۽ تحقيق جي سمري تي کنڊ برآمد ڪرڻ جي منظوري ڏني. اعلاميي موجب کنڊ برآمد ڪرڻ جو مقصد هارين کي انهن جي پيداوار جي مناسب قيمت ڏيارڻ آهي. ٻئي طرف پاڪستان بزنس فورم [illegible] 3600 رپين تائين پهچي وئي ۽ هڪ هفتي ۾ اٽي جي 20 ڪلو ٿيلهي جي قيمت ۾ 334 رپين تائين جو واڌارو ٿيو آهي. دستاويزن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته اسلام آباد، حيدرآباد ۽ ٻين سميت ڪيترن ئي شهرن ۾ 20 ڪلو اٽو 3600 رپين تائين وڪامي ٿو. پشاور ۾ 20 ڪلو اٽو 250 رپيا مهانگو ٿي 3 هزار 550 رپين تائين پهچي ويو جڏهن ته راولپنڊي ۾ 20 ڪلو اٽو 66.66 رپيا مهانگو ٿي 3 هزار 533 رپين جو ٿي ويو آهي. دستاويزن موجب لاهور ۾ 20 ڪلو اٽو 333 رپيا مهانگو ٿي 3 هزار 467 رپين تائين هلي ويو آهي، گوجرانوالا ۾ 20 ڪلو اٽو 333 رپيا مهانگو ٿي 3 هزار 400 رپين تائين پهچي ويو سکر ۾ 20 ڪلو اٽي جي قيمت 280 رپيا وڌي 3 هزار 360 رپين تائين ٿي وئي جڏهن ته ڪوئيٽا ۾ 20 ڪلو اٽو 110 رپيا مهانگو ٿيڻ ڪانپوءِ قيمت 3 هزار 330 رپين تائين ٿي وئي.

بقايا *** 31

۽ تيز رفتار ڪار جي ٽڪر ۾ 10 ورهين جو ٻار فوت ٿي ويو حادثي ۾ ٻار سخت زخمي ٿي پيو هو جنهن کي پوليس امدادي ٽيمن جي مدد سان ترت اسپتال منتقل ڪيو، پر هو زخمن جا سور نه سهندي جان ڏئي ويو فوتي ٻار جي سڃاڻپ حافظ عبدالسلام رند پٽ وزير علي رند طور ڪئي وئي آهي. پوليس اختيارين ضروري ڪارروائي بعد ٻار جو لاش وارثن حوالي ڪري ڇڏيو، ٻار جي اڻچيتي وڇوڙي تي علائقي ۾ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي، [illegible] پوليس حادثي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي.

بقايا *** 32

جو ٻارڻ جيٽ فيول 12 رپيا 6 پئسا في ليٽر سستو ڪيو ويو آهي جڏهن ته مٽي جي تيل جي قيمت ۾ 10 رپيا 42 ۽ لائيٽ ڊيزل آئل جي قيمت ۾ 11 رپيا 44 پئسا في ليٽر گهٽتائي ڪئي وئي آهي. پي ايس او ٻڌايو ته جيٽ فيول جي نئين قيمت گهٽجي 287 رپيا 71 پئسا في ليٽر ٿي وئي جڏهن ته ان کان اڳ جيٽ فيول جي قيمت 299 رپيا 77 پئسا في ليٽر مقرر هئي. مٽي جي تيل جي نئين قيمت 273 رپيا 22 پئسا في ليٽر مقرر ڪئي وئي آهي ۽ لائيٽ ڊيزل آئل جي نئين قيمت 220 رپيا 28 پئسا في ليٽر ٿي وئي آهي. قيمتن ۾ گهٽتائي جو اطلاق اڄ 21 نومبر کان ڪيو ويو آهي.

بقايا *** 33

تي نيون پابنديون لاڳو ڪيون آهن جڏهن ته ٻنهي ملڪن وچ ۾ دفاعي انٽيليجنس جي [illegible] ۽ نيٽو تحت فوجي سهڪار تي اهي لاڳو نه ٿينديون. ميڊيا رپورٽن مطابق آمريڪا جي دفاع واري وزير گذريل هفتي ۾ انهن سلسلي ۾ هڪ ڳجهي يادداشت جاري ڪئي هئي، [illegible] پينٽاگون جي ترجمان شان پارنيل چيو آهي، ته دفاع وارو کاتو اهڙو قدم کڻي رهيو آهي جنهن جو مقصد ڪينيڊا سان دفاعي رابطي کي آمريڪي دفاعي مقصدن سان هم آهنگ بڻائڻ ۽ دفاعي لاڳاپن کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ آهي. هن واضح ڪيو ته [illegible] نيٽو تحت ٻنهي ملڪن جي فوجي تعاون تي ڪو به اثر نه پوندو.

بقايا *** 34

ڪار ۾ [illegible] پاڪستان جا ڪارڪن سوار هئا. ذريعن جو چوڻ آهي ته حادثي جو شڪار ٿيل ڪار [illegible] قافلي ۾ شامل هئي.

بقايا *** 35

[illegible] اڃان تائين ڀاڙن ۾ گهٽتائي نه ڪئي آهي. پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي جا اثر سامهون اچڻ شروع ٿي ويا آهن. ڪراچي کان لاهور، اسلام آباد، راولپنڊي سميت مختلف شهرن ڏانهن ويندڙ ڪجهه بسن جي ڀاڙن ۾ گهٽتائي آندي وئي آهي. نون ڀاڙن موجب ڪراچي کان اسلام آباد جو ڀاڙو 500 رپيو گهٽجي 6 هزار رپيا ٿي ويو آهي جڏهن ته لاهور جو ڀاڙو 6 هزار کان گهٽ ڪري 5 هزار 500 رپيا مقرر ڪيو ويو آهي. اهڙي طرح ڪراچي کان پشاور جو ڀاڙو 7 هزار رپين، فيصل آباد جو 5 هزار رپين ۽ ملتان جو ڀاڙو 4 هزار رپيا مقرر ڪيو ويو آهي. اندرون سنڌ سفر ڪندڙ مسافرن کي به ڪجهه رليف ڏنو ويو آهي. ڪراچي کان ميرپورخاص جو ڀاڙو 1300 رپين کان گهٽ ڪري 1200 رپيا، حيدرآباد جو 800 کان گهٽ ڪري 700 رپيا جڏهن ته بدين جو ڀاڙو 1500 کان گهٽ ڪري 1400 رپيا ڪيو ويو آهي. مسافرن نجي چينل سان ڳالهيون ڪندي ڀاڙن ۾ گهٽتائي کي خوشي جوڳو قدم قرار ڏنو [illegible] موجوده ڀاڙا اڃان به وڌيڪ آهن. حڪومت پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ وڌيڪ گهٽتائي ڪري ته جيئن عام ماڻهو کي حقيقي رليف ملي سگهي. [illegible] پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي جو فائدو عوام تائين پهچڻ گهرجي [illegible] قيمتون گهٽ ٿيڻ تي ڀاڙن ۾ به گهٽتائي ٿيڻ گهرجي.

بقايا عوامي سوچ 01

۽ پيپلز پارٽي تعلقي گهوڙاٻاري جي اڳواڻ غلام نبي شيخ خاص مهمان طور شرڪت ڪري ڦيتي ڪاٽي برانچ جو افتتاح ڪيو. جڏهن ته شاهه سولر جي مالڪ شيراز شاهه، شعيب حسين شاهه، ٺٽو پريس ڪلب مڪلي جي صدر شيراز واريو، فواد فيض بلوچ، سنفليڪس جي مالڪ حسن ملڪ، احمد يائي، ور شهر جي واپاري اڳواڻ سيد شفقت عرف قاسم شاهه، ڊاڪٽر مختيار شاهه ۽ ڪامران سومرو پڻ تقريب ۾ موجود هئا. ان موقعي تي مهمانن ڳالهائيندي چيو ته شاهه سولر جي نئين برانچ ذريعي ٺٽي ضلعي جي ماڻهن کي سنفليڪس جون جديد ليٿيم بيٽريون، انورٽر، سولر پليٽون ۽ وائرنگ سميت بهترين سهولتون هڪ ئي هنڌ فراهم ڪيون وينديون. هنن چيو ته سنفليڪس جي شين تي 10 کان 15 سالن تائين وارنٽي ڏني پئي وڃي، وارنٽي واري عرصي دوران ڪنهن به فني خرابي جي صورت ۾ بيٽري يا سامان جي مرمت يا مٽاسٽا بنا ڪنهن اضافي خرچ جي ڪئي ويندي. هنن وڌيڪ چيو ته شاهه سولر تي سنفليڪس کان علاوه ٻين مشهور ڪمپنين جون بيٽريون ۽ انورٽر پڻ مناسب اگهن تي دستياب هوندا، جنهن سان علائقي جي ماڻهن کي معياري سولر سامان خريد ڪرڻ ۾ سهولت ملندي. افتتاحي تقريب ۾ محمد عثمان، شهزاد حسين شاهه، ٺٽو پريس ڪلب مڪلي جي ميمبر قادر جاڪرو، عبدالرزاق خاصخيلي، غلام رسول ڪتري، شهرين راجا شاهه، عمران سمون، جاويد جوکيو، ساجد هنگورجو ۽ اوم راجو ٺاڪر سميت ٻين معززين ۽ واپارين پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 02

ڪرڻ لاءِ ڪيو ويو آهي. هن پيپلزپارٽي جي مٽي جاٽايل اڳواڻن کي مخاطب ٿيندي چيو ته چيلهار واقعي جي منصفاڻي جاچ ڪرائي وڃي جيڪڏهن آئون ڪنهن به هنڌ هن واقعي ۾ ملوث يا سهولتڪار ثابت ٿيس ته پنهنجو پاڻ قانون جي حوالي ڪندس. آئون هن واقعي جي پرزور مذمت ڪريان ٿو. هن ڏک جي گهڙي ۾ مينگهواڙ برادري ۽ متاثر خاندان سان گڏ آهيان.

بقايا عوامي سوچ 03

ايليمينٽري اسڪول غلامالله ، گورنمينٽ پرائمري اسڪول ٻروسر ڪالوني ، گورنمينٽ پرائمري اسڪول حاجي اسحاق ڪاتيار ، گورنمينٽ پرائمري اسڪول حاجي ڏاڙهون بلوچ جي شاگردن ۾ ڪاپيون ورهائيون ان موقعي تي ڪريمي برادرز گڏيل بيان ۾ چيو ته موجوده انفارميشن ٽيڪنالاجي جي دور ۾ دنيا تمام گهڻي ترقي ڪري رهي آهي. ان جي سامهون اسان تمام گهڻو پٺتي رهجي ويا آهيون. اهڙي وقت ۾ اسان سڀني جو فرض آهي ته ملڪ ۽ قوم جي ترقي ۽ خدمت ۾ وک وڌايون. نياڻي توڙي پٽ تعليم هر ٻار جو بنيادي حق آهي

بقايا عوامي سوچ 04

ي تي ايوارڊ ورهايا ويا، ڍنڍ کي ٻيهر حفاظتي جاريون لڳائڻ جو مطالبو ماهيگيرن جي عالمي ڏهاڙي 21 نومبر جي موقعي تي ڪينجهر ڍنڍ ٺٽي جي ڪناري هڪ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ماهيگيرن، سنڌ يونيورسٽي جي شاگردن، فشريز ڪاتي جي آفيسرن ۽ مختلف ادارن جي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب جو اهتمام حڪومت سنڌ جي ايڪسلريٽيڊ ايڪشن پلان (AAP) فشريز سيڪٽر پاران ڪيو ويو، جڏهن ته مينيجمينٽ اينڊ ڊولپمينٽ فائونڊيشن (MDF) ۽ مينيجمينٽ اينڊ ڊولپمينٽ سينٽر (MDC) سهڪار ڪيو تقريب ۾ پروگرام ڪوآرڊينيٽر عبدالباقي بلو، ڊائريڪٽر جنرل فشريز ڊاڪٽر عبداللطيف ڪورائي، ڊائريڪٽر فشريز اسلم انصاري، غلام رسول قمبراڻي، سنڌ يونيورسٽي ٺٽو ڪيمپس جي پرو وائيس چانسلر ميڊم مصباح، پروفيسر ڊاڪٽر خالد حسين لاشاري، ڊاڪٽر پنهل لاشاري، ڊاڪٽر محمد يونس لغاري، ڊاڪٽر اڪرام لاشاري (گلگت بلتستان)، محمد ميرائي، ڊپٽي ڊائريڪٽر ڪينجهر نواب سجاد لاڙڪ، سيد سجاد شاهه، دائم شاهه، محمد انيس هيلايو، نويد ابڙو، رانا محمد اسلم، سميت ٻين مهمانن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڪينجهر ڍنڍ ۾ مڇين جي افزائش ۽ آبي وسيلن ۾ واڌاري لاءِ وڏي انگ ۾ مڇين جا ٻچا ڇڏيا ويا. جڏهن ته ماهيگيرن ۽ سنڌ يونيورسٽي جي شاگردن پاران مختلف اسٽال پڻ لڳايا ويا، جن ۾ مڇين جي افزائش، پيداوار ۾ واڌاري ۽ آبي وسيلن جي بهتر استعمال بابت جديد منصوبن ۽ پروجيڪٽس کي متعارف ڪرايو ويو. تقريب دوران مختلف شعبن ۾ نمايان ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙ شخصيتن ۾ ايوارڊ پڻ ورهايا ويا. جڏهن ته ڊپٽي ڊائريڪٽر غلام قادر جمالي مهمانن کي سنڌ جي ثقافتي سوکڙي اجرڪ جا تحفا پيش ڪري سنڌن آجيان ڪئي. ان موقعي تي سماجي اڳواڻ ۽ صحافي ارشاد علي گندرو ڪينجهر ڍنڍ جي قدرتي سونهن، مڇين جي نسل ۽ آبي حيات جي تحفظ لاءِ ڍنڍ جي چوڌاري ٻيهر حفاظتي جاريون لڳائڻ جو مطالبو ڪيو. سنڌس مطالبي جي جواب ۾ ڊائريڪٽر جنرل فشريز ڊاڪٽر عبداللطيف ڪورائي چيو ته ڪينجهر ڍنڍ جي چوڌاري اڳ به حفاظتي جاريون لڳايون ويون هيون. جيڪي ممڪن آهي ته وقت گذرڻ سان گڏ زبون ٿي ويون هجن. هن چيو ته فشريز ڪاتي پاران جاريون ٻيهر لڳائڻ لاءِ ڪم ڪيو پيو وڃي ۽ ان سلسلي ۾ ڪوششون جاري آهن. ارشاد علي گندرو وڌيڪ چيو ته ڪينجهر ڍنڍ هزارين ماهيگير خاندانن جي روزگار جو اهم ذريعو آهي، تنهنڪري مڇين جي نسل جي تحفظ، غيرقانوني شڪار جي روڪٿام ۽ آبي وسيلن ۾ واڌاري لاءِ عملي قدم کڻڻ انتهائي ضروري آهن. تقريب ۾ ماهيگيري جي شعبي جي ترقي، ماهيگيرن جي معاشي حالت بهتر بڻائڻ، مڇيءَ جي پيداوار وڌائڻ ۽ سنڌ ۾ غذائي کوٽ جي خاتمي لاءِ فشريز ڪاتي جي ڪردار کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ تي زور ڏنو ويو.

بقايا عوامي سوچ 05

ڪري ڇڏيو ساجاهه وندن اسڪول اندر اهڙين تعليم دشمن سرگرمين تي سوال اٿاري ڇڏيو انهن جو وڌيڪ چوڻ هو ته اسڪول ٻارن جو مستقبل سنوارڻ لاءِ هوندا آهن يا اهڙن تماشن لاءِ؟ تعليم جي نالي تي اهڙين سرگرمين جو ذميوار آخر ڪير آهي ؟ ساجاهه وندن صوبائي وزير تعليم سيد سردار شاهه کان مطالبو ڪيو ته اهڙيون تعليم دشمن سرگرميون بند ڪري ٻارڙن کي ضروري تعليم کان آشناس ڪيو وڃي ته جيئن ٻارڙا اسڪول مان ضروري تعليم حاصل ڪري مستقبل جا معمار بڻجي سگهن

بقايا عوامي سوچ 06

ڏهاڙي 21 نومبر جي موقعي تي ڪينجهر ڍنڍ ٺٽي جي ڪناري هڪ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾

ماهيگيرن، سنڌ يونيورسٽي جي شاگردن، فشريز ڪاتي جي آفيسرن ۽ مختلف ادارن جي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب جو اهتمام حڪومت سنڌ جي ايڪسلريٽيڊ ايڪشن پلان (AAP) فشريز سيڪٽر پاران ڪيو ويو، جڏهن ته مينيجمينٽ اينڊ ڊولپمينٽ فائونڊيشن (MDF) ۽ مينيجمينٽ اينڊ ڊولپمينٽ سينٽر (MDC) سهڪار ڪيو تقريب ۾ پروگرام ڪوآرڊينيٽر عبدالباقي بلو، ڊائريڪٽر جنرل فشريز ڊاڪٽر عبداللطيف ڪورائي، ڊائريڪٽر فشريز اسلم انصاري، غلام رسول قمبراڻي، سنڌ يونيورسٽي ٺٽو ڪيمپس جي پرو وائيس چانسلر ميڊم مصباح، پروفيسر ڊاڪٽر خالد حسين لاشاري، ڊاڪٽر پنهل لاشاري، ڊاڪٽر محمد يونس لغاري، ڊاڪٽر اڪرام لاشاري (گلگت بلتستان)، محمد ميرائي، ڊپٽي ڊائريڪٽر ڪينجهر نواب سجاد لاڙڪ، سيد سجاد شاهه، دائم شاهه، محمد انيس هيلايو، نويد ابڙو، رانا محمد اسلم، سميت ٻين مهمانن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڪينجهر ڍنڍ ۾ مڇين جي افزائش ۽ آبي وسيلن ۾ واڌاري لاءِ وڏي انگ ۾ مڇين جا ٻچا ڇڏيا ويا. جڏهن ته ماهيگيرن ۽ سنڌ يونيورسٽي جي شاگردن پاران مختلف اسٽال پڻ لڳايا ويا، جن ۾ مڇين جي افزائش، پيداوار ۾ واڌاري ۽ آبي وسيلن جي بهتر استعمال بابت جديد منصوبن ۽ پروجيڪٽس کي متعارف ڪرايو ويو. تقريب دوران مختلف شعبن ۾ نمايان ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙ شخصيتن ۾ ايوارڊ پڻ ورهايا ويا. جڏهن ته ڊپٽي ڊائريڪٽر غلام قادر جمالي مهمانن کي سنڌ جي ثقافتي سوکڙي اجرڪ جا تحفا پيش ڪري سنڌن آجيان ڪئي. ان موقعي تي سماجي اڳواڻ ۽ صحافي ارشاد علي گندرو ڪينجهر ڍنڍ جي قدرتي سونهن، مڇين جي نسل ۽ آبي حيات جي تحفظ لاءِ ڍنڍ جي چوڌاري ٻيهر حفاظتي جاريون لڳائڻ جو مطالبو ڪيو. سنڌس مطالبي جي جواب ۾ ڊائريڪٽر جنرل فشريز ڊاڪٽر عبداللطيف ڪورائي چيو ته ڪينجهر ڍنڍ جي چوڌاري اڳ به حفاظتي جاريون لڳايون ويون هيون. جيڪي ممڪن آهي ته وقت گذرڻ سان گڏ زبون ٿي ويون هجن. هن چيو ته فشريز ڪاتي پاران جاريون ٻيهر لڳائڻ لاءِ ڪم ڪيو پيو وڃي ۽ ان سلسلي ۾ ڪوششون جاري آهن. ارشاد علي گندرو وڌيڪ چيو ته ڪينجهر ڍنڍ هزارين ماهيگير خاندانن جي روزگار جو اهم ذريعو آهي، تنهنڪري مڇين جي نسل جي تحفظ، غيرقانوني شڪار جي روڪٿام ۽ آبي وسيلن ۾ واڌاري لاءِ عملي قدم کڻڻ انتهائي ضروري آهن. تقريب ۾ ماهيگيري جي شعبي جي ترقي، ماهيگيرن جي معاشي حالت بهتر بڻائڻ، مڇيءَ جي پيداوار وڌائڻ ۽ سنڌ ۾ غذائي کوٽ جي خاتمي لاءِ فشريز ڪاتي جي ڪردار کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ تي زور ڏنو ويو.

بقايا عوامي سوچ 07

گ ۾ شرڪت ڪئي، نعريبازي ڪندا رهيا، ريلي دادو پريس ڪلب پهچڻ تي اڳواڻن غلام شبير ملاح، پنهل ملاح، علي شير ملاح، امتياز ملاح، سڪندر ملاح ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ملاحن جو عالمي ڏينهن هر سال وانگر هن ڀيري به ڀرپور جوش ۽ جذبي سان ملهايو پيو وڃي، پر افسوس جو ملاح برادري پنهنجن بنيادي حقن کان محروم آهي، هنن چيو ته ملاحن جي قديمي روزگار جي ذريعن يعني درياءَ، ڍنڍن ۽ ڍورن تي ٻين بااثر ذاتين جا غيرقانوني قبضا آهن، جنهن سبب اصل حقدار ملاح بک ۽ بدحالي جو شڪار آهن، اڳواڻن حڪومتِ پاڪستان ۽ سنڌ حڪومت کان پرزور مطالبو ڪيو ته ملاحن کي درياءَ، ڍنڍن ۽ ڍورن جا باقاعده لائسنس جاري ڪري کين مالڪاڻا حق ڏنا وڃن، ۽ درياءَ ۾ زهريلي ۽ گندي پاڻي جو ڇوڙ فوري طور بند ڪيو وڃي ته جيئن آبي جيوت ۽ ملاحن جو روزگار محفوظ رهي سگهي،

بقايا عوامي سوچ 08

ن مستقبل بابت شعور اجاگر ڪرڻ لاءِ سي ويو تي آگاهي واڪ جو اهتمام ڪيو ويو هن آگاهي واڪ ۾ (برائٽ بگننگ سوشل ويلفير آرگنائيزيشن) (بي ايس ڊبليو او) جي صدر سڪينه بگهيو، جنرل سيڪريٽري معظم زئور، فنانس سيڪريٽري عابد علي ۽ تنظيم جي ٻين معزز ميمبرن ڀرپور شرڪت ڪئي (بي ايس ڊبليو او) تنظيم جي نمائندن ٻارن جي حقن جي تحفظ، تعليم، صحت ۽ محفوظ مستقبل لاءِ پنهنجي عزم جو اظهار ڪيو. شرڪت ڪندڙن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته هر ٻار کي خوشحال، محفوظ ۽ روشن مستقبل فراهم ڪرڻ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي. (بي ايس ڊبليو او) تنظيم ٻارن جي ڀلائي، تحفظ ۽ بهتر مستقبل لاءِ پنهنجو سماجي ڪردار ادا ڪندي رهندي

بقايا عوامي سوچ 09

چيو ته اڄ اسان لاءِ خوشيءَ جو ڏينهن آهي، پر افسوس جو ماهيگير اڄ به درد ۽ دربدري واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. ماهيگير صدين کان سمنڊ، ڍنڍن ۽ دريائن سان لاڳاپيل روزگار ذريعي پنهنجو پيٽ گذاريندا رهيا آهن، پر اڄ تائين کين بنيادي سهولتون فراهم نه ٿي سگهيون آهن. هنن چيو ته ماهيگيرن جي روزگار تي ڌاڙا لڳي رهيا آهن، سنڌن روايتي ماڳن ۽ وسيلن تي قبضا ٿي رهيا آهن، جڏهن ته حڪومت طرفان کين نه مڇي مارڻ لاءِ جار (ڄر) فراهم ڪيو وڃي ٿو ۽ نه ئي ٻيڙين جي سهولت ڏني وڃي ٿي. ٻئي طرف وڌندڙ مهانگائي ۽ معاشي پريشانين سبب ماهيگير پنهنجا اباڻا ماڳ ڇڏڻ تي مجبور ٿي رهيا آهن. اڳواڻن پاڪستان فشر فوڪ فورم جي مرڪزي چيئرمين غلام مصطفيٰ ميراڻي، فاطمه مجيد ۽ سعيد بلوچ کي سلام پيش ڪندي چيو ته هو هن وقت ماهيگيرن جي حقن، روزگار ۽ مسئلن جي مالڪي ڪري رهيا آهن. اڳواڻن سنڌن ڪردار کي ساراهيندي اميد ظاهر ڪئي ته ماهيگيرن جي حقن ۽ تحفظ لاءِ جدوجهد کي وڌيڪ مضبوط بڻايو ويندو. هنن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته ماهيگيرن جو روزگار محفوظ بڻايو وڃي، سنڌن روايتي حقن ۽ ماڳن جو تحفظ ڪيو وڃي، کين بنيادي سهولتون، ٻيڙيون ۽ مڇي مارڻ جا جار فراهم ڪيا وڃن ۽ ماهيگيرن کي باقاعده ليبر جو درجو ڏئي مزدورن وارا سمورا قانوني ۽ سماجي حق ڏنا وڃن. هنن وڌيڪ چيو ته ماهيگير ملڪ جي معيشت ۽ خوراڪ جي فراهمي ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا، تنهنڪري حڪومت کي سنڌن معاشي ۽ سماجي تحفظ لاءِ عملي قدم کڻڻ گهرجن. ان موقعي تي پاڪستان فشر فوڪ فورم ضلعي بدين جو صدر ايم سومار ملاح، محمد اسلم ملاح، ساجن شيخ، مجيد مهراڻوي، گل حسن ملاح، لطف ملاح، ساجن ملاح، مير محمد ملاح ۽ شهباز ملاح پڻ موجود هئا. ماهيگيرن جو روزگار، سنڌن حق ۽ سنڌن سجاڳپ محفوظ بڻايو وڃي: ماهيگيرن کي مزدور تسليم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 10

حر پاران هڪ تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ اميرالبحر جي سربراهه علي مير ملاح، سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر تاج محمد ملاح، ذاڪر ڪلاتري سميت سوين مهاڻن شرڪت ڪئي. تقريب دوران مهاڻن جي سماجي، تعليمي ۽ معاشي ترقي، نئين نسل جي روشن مستقبل ۽ تعليم جي اهميت تي زور ڏنو ويو تقريب کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته مهاڻا معاشري جو هڪ اهم حصو آهن. جيڪي پنهنجي محنت ۽ جاکوڙ ذريعي نه رڳو پنهنجن خاندانن جي ڪفالت ڪن ٿا، پر ملڪ جي معيشت ۽ خوراڪ جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. هنن چيو ته مهاڻن جي خدمتن کي مڃتا ڏيڻ ۽ سنڌن مسئلن جي حل لاءِ اثرائتا قدم کڻڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. مقررن چيو ته تعليم ڪنهن به قوم جي ترقي ۽ خوشحاليءَ جو بنياد آهي. تعليم انسان ۾ شعور ۽ سجاڳي پيدا ڪري ٿي ۽ کيس پنهنجن حقن جي سجاڳپ ڏئي ٿي، جڏهن ته جهالت انسان کي پسماندگي ۽ غلاميءَ ڏانهن ڌڪي ٿي. هنن مهاڻن جي برادريءَ جي والدين تي زور ڀريو ته هو پنهنجي ٻارن کي تعليم جي زيور سان آراسته ڪن. جيئن نئين نسل بهتر مستقبل حاصل ڪرڻ سان گڏ پنهنجن حقن ۽ فرضن کان به واقف ٿي سگهي. اڳواڻن جو چوڻ هو ته مهاڻن جي برادريءَ جي ترقيءَ لاءِ تعليم کي هٿي وٺرائڻ، نوجوانن کي بهتر موقعا فراهم ڪرڻ ۽ سنڌن بنيادي مسئلن جي حل تي خاص ڌيان ڏيڻ ضروري آهي. هنن مطالبو ڪيو ته مهاڻن جي ٻارن کي تعليم جا هڪجهڙا موقعا فراهم ڪيا وڃن، جيئن اهي پڻ زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ اڳتي وڌي پنهنجي ۽ پنهنجي علائقي جو نالو روشن ڪري سگهن. تقريب ۾ مهاڻن جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان مهاڻن جي محنت، جدوجهد ۽ قربانين کي اجاگر ڪيو ويو. شرڪت ڪندڙن ان عزم جو اظهار ڪيو ته مهاڻن ۾ تعليمي شعور پيدا ڪرڻ ۽ نئين نسل کي تعليم ڏانهن راغب ڪرڻ لاءِ ڪوششون جاري رکيون وينديون. تقريب جو بنيادي پيغام اهو هو ته تعليم ئي اهو رستو آهي، جنهن ذريعي مهاڻن جي برادري پنهنجي سماجي حيثيت بهتر بڻائي، پسماندگيءَ جو خاتمو آڻي ۽ هڪ باوقار، خوشحال ۽ روشن مستقبل جو بنياد رکي سگهي ٿي.

بقايا عوامي سوچ 11

اوڍاڻو وچ ۾ استادن کي ويزا تي موڪلڻ، رٽائرمينٽ جي فائلن ۽ بلن تي ڪميشن وٺڻ واري معاملي تان تڪرار منظرعام تي اچي ويو آهي، ڊي اي او پرائمري دادو انور علي اوڍاڻو پنهنجي آفيس ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ٽي اي او جوهي شاهجهان شاهه پاران مٿس لڳايل الزامن کي رد ڪندي الزام هنيو ته رٽائر ٿيندڙ ملازمن جي فائلن تي 3 سيڪڙو رشوت طلب ڪئي پئي وڃي، جڏهن ته رٽائرمينٽ جا ڪاغذ جاري ڪرائڻ هر ملازم جو قانوني حق آهي، هن چيو ته جڏهن هن ٽي اي او جوهي فيميل آفيس جو دورو ڪيو ته اتي ڪو به ڪلارڪ موجود نه هو، پر افسوس جو مسٽرول تي صحيحون ٿيل هيون، رٽائرڊ استادن جون به شڪايتون آهن ته ٽي اي او فائلن تي صحيحون نٿي ڪري، جڏهن ته ڳوناڻن شڪايت ڪئي آهي ته جوهي تعلقي جا 15 کان 20 اسڪول گذريل ٽن سالن کان بند پيل آهن، انور علي اوڍاڻو وڌيڪ چيو ته ٽي اي او جوهي شاهجهان شاهه پاران سوشل ميڊيا تي مٿس ڌمڪيون ڏيڻ جا لڳايل الزام بي بنياد آهن، جڏهن ته وائرل ڪيل آڊيو به فيڪ آهي سنڌس چوڻ هو ته هن معاملي بابت لاڳاپيل عملي سان رابطو ڪيو ويو آهي ۽ وزير تعليم توڙي سيڪريٽري تعليم جا واضح حڪم آهن ته رٽائر ٿيندڙ استادن کان ڪنهن به قسم جي رشوت طلب نه ڪئي وڃي، ڊي اي او موجب، ٽي اي او جوهي خلاف اڳ ۾ به ڪيترين ئي شڪايتون مليون آهن، جن ۾ استادن کي ويزا تي موڪلڻ جا معاملا پڻ شامل آهن، هن چيو ته ٽي اي او کي نوٽيس جاري ڪري سومر ڏينهن ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيس دادو ۾ طلب ڪيو ويو آهي، جڏهن ته جوهي تعلقي جا بند پيل اسڪول جلد کان جلد کولرايا ويندا، هوڏانهن پ ٽ الف تعلقو جوهي جي صدر علي اڪبر لغاري چيو ته استادن جي حقن لاءِ هر محاذ تي جدوجهد جاري رکي ويندي. هن چيو ته 60 سال عمر پوري ٿيڻ تي چئن رٽائرڊ ملازمن جون فائلون ڪليئر ڪرڻ جي درخواست ڪئي وئي هئي، پر ٽي اي او جوهي فائلون ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي، هن اختيارين کان مطالبو ڪيو ته استادن جي رٽائرمينٽ وارن معاملن کي بنا دير حل ڪري کين انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 12

ن پاران ٽوٽل 12 پولنگ اسٽيشن قائم ڪيا آهن ووٽ ڪاسٽ ڪرڻ لاءِ مختلف پولنگ اسٽيشنن تي 31 پولنگ پوٿ قائم ڪيا ويا آهن جنهن ۾ 17 مردن جا 14 عورتن جا شامل آهن يونين ڪائونسل 29 اوڏيرولال وليج ۾ ٽوٽل رجسٽرڊ ووٽن جو تعداد آهين10164 جنهن ۾ 5348 مرد ۽ 4816 عورتون شامل آهن جيڪي 22 تاريخ تي پنهنجو ووٽ جو حق استعمال ڪندا. يونين ڪائونسل 29 اوڏيرولال وليج جي چيئرمين محمد جمن جهيجو جي لاڏاڻي بعد سنڌس خالي ٿيل سيٽ تي اليڪشن جو چيچٽو شروع ٿي چڪو آهي جنهن ۾ پيپلزپارٽي پاران نامزد ڪيل اميدوار امتياز جهيجو کي نامزد ڪيو ويو آهي جڏهن ته ٻئي طرف يوسي اوڏيرولال ولج جي وائيس چيئرمين پاران پڻ آزاد اميدوار طور فارم ڀرايو ويو جنهن سخت مقابلي جو امڪان آهي

بقايا عوامي سوچ 13

هر جو دورو ڪيو، جتي هن بي ڊي ايس اسڪول جو باقاعده افتتاح ڪيو ۽ شهر ۾ جاري مختلف ترقياتي ڪمن جو معائنو پڻ ڪيو. ان موقعي تي بيبي آصفه ڀٽو زرداري پاڪستان پيپلزپارٽي جي سينيئر ورڪر مرحوم الله وسايو لنڊ جي رهائشگاهه تي پهچي سنڌس وارثن سان تعزيت ۽ ڏک جو اظهار ڪيو. بعد ۾ خاتون اول ٽائون ڪميٽي دوڙ جو دورو ڪريَ اتي هلندڙ مختلف ترقياتي منصوبن جو جائزو ورتو.

بقايا عوامي سوچ 14

ٿ ٻلهڙيجي ۾ چوٿون انور پيرزادو ادبي ميلو منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ سنڌ جي ناميارن سياستدانن، اديبن، شاعرن، ڪهاڻيڪارن ۽ دانشورن سميت ادب سان دلچسپي رکندڙ وڏي انگ ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي. انور پيرزادو اڪيڊمي پاران سنڌ ڪلچر ڊپارٽمينٽ جي سهڪار سان منعقد ٿيل ميلي ۾ انور پيرزادي جي علمي، ادبي، تحقيقي ۽ فڪري خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي ميلي ۾ اياز لطيف پليجو، مهتاب اڪبر راشدي، ادل سومرو، رضوان گل، امجد شاهه، شيما ڪرماڻي، غلام مصطفيٰ سولنگي، ڊاڪٽر شير مهراڻي ۽ محمد علي پٺاڻ زرار پيرزادو ڊاڪٽر مولا بخش ڪلهوڙو الطاف پيرزادو سميت ٻين شخصيتن شرڪت ڪئي ان موقعي تي خطاب ڪندي اياز لطيف پليجي چيو ته انور پيرزادو سنڌ جو وڏو اديب، شاعر، صحافي، محقق ۽ مفڪر هو، جنهن سنڌ جي تاريخ، قديم آثارن، جاگرافي ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي فڪر تي غيرمعمولي ڪم ڪيو. هن چيو ته انور پيرزادي سنڌو درياهه جي منڍ کان پڇڙيءَ تائين سفر ڪري تحقيق ڪئي ۽ پنهنجي لکڻين وسيلي سنڌ جي تاريخي، ثقافتي ۽ سماجي سجاڳپ کي اجاگر ڪيو. ٻين مقررن چيو ته انور پيرزادو رڳو اديب ۽ شاعر نه، پر پنهنجي دور جو باشعور دانشور هو. جنهن پنهنجي قلم ۽ تحقيق کي سنڌ جي تاريخ، ثقافت، ٻولي ۽ قومي سجاڳپ لاءِ وقف ڪيو. هنن زور ڏنو ته سنڌس علمي ۽ فڪري ورثي کي نئين نسل تائين پهچائڻ لاءِ وڌيڪ تحقيق ۽ ڪم جي ضرورت آهي. ميلي دوران ڪتابن جا اسٽال پڻ لڳايا ويا، جتي شرڪت ڪندڙن ڪتابن ۾ دلچسپي ورتي ۽ ادبي ماحول مان لطف اندوز ٿيا

بقايا عوامي سوچ 15

ڪري ويو. مرحوم جي جنازي نماز باقراڻي ٽاور واري علائقي ۾ ادا ڪرڻ بعد سنڌس مڙهه کي سوين آلين اکين سان شهر جي ابوبڪر قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. جنازي نماز ۾ شهر جي واپارين، سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻ، شهرين سميت مختلف مڪتب فڪر جي ماڻهن وڏي انگ شرڪت ڪئي. جنهن جو ٽنڊو شهر جي دڙي محلي نوان تڪ واري رهائشگاهه ۾ وڃايو ويو آهي جتي وارثن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي.

بقايا عوامي سوچ 16

يٽيڪچر، ڊيزائن اينڊ هيريٽيج روهڙي ۾ جديد واٽر فلٽريشن ۽ ٽريٽمينٽ پلانٽ جو افتتاح ڪري ڇڏيو منصوبي جي فعال ٿيڻ سان يونيورسٽي جي شاگردن، استادن ۽ انتظامي عملي کي پيئڻ جي صاف ۽ محفوظ پاڻي جي فراهمي يقيني بڻجڻ سان گڏ ڪيمپس ۾ پاڻي جي کوٽ واري پراڻي مسئلي جي خاتمي ۾ مدد ملندي افتتاحي تقريب دوران منصوبي جي مختلف حصن بابت ڄاڻ ڏني وئي جديد واٽر فلٽريشن منصوبي ۾ نارا ڪينال مان يونيورسٽي تائين لڳ ڀڳ ٽن ڪلوميٽرن جي پاڻي جي پائيپ لائين وڇائي وئي آهي جڏهن ته روزانو ٻه لک گيلن پاڻي صاف ڪرڻ جي صلاحيت رکندڙ جديد ٽريٽمينٽ پلانٽ پڻ قائم ڪيو ويو آهي منصوبي ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ لاءِ وڏيون ٽانڪيون ۽ يونيورسٽي جي مختلف حصن تائين پاڻي پهچائڻ لاءِ مڪمل سپلاءِ نيٽ ورڪ شامل آهي منصوبي جي هڪ اهم خصوصيت ان جو 100 سيڪڙو سولرائيزڊ توانائي نظام آهي جيڪو آن گرڊ ۽ آف گرڊ ٻنهي طريقن سان ڪم ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو. شمسي توانائي تي ٻڌل هن نظام ذريعي پاڻي جي صفائي ۽ فراهمي واري عمل کي جاري رکڻ سان بجليءَ تي انحصار گهٽائڻ ۽ پاڻي جي فراهمي کي پائيدار ۽ قابلِ اعتماد بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ان موقعي تي ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائيندي سيد خورشيد احمد شاهه چيو ته يونيورسٽي ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي جي فراهمي هڪ بنيادي ضرورت هئي جنهن جي پورائي لاءِ جديد واٽر فلٽريشن پلانٽ جو قيام اهم اڳڀرائي آهي هن چيو ته صاف پاڻي نه رڳو شاگردن ۽ استادن جي صحت لاءِ ضروري آهي، پر بهتر تعليمي ماحول جي قيام لاءِ پڻ بنيادي اهميت رکي ٿو سيد خورشيد احمد شاهه اروڙ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر زاهد حسين کنڊ ۽ سنڌس ٽيم جي ڪوشش کي ساراهيندي چيو ته يونيورسٽي انتظاميا پاران بنيادي سهولتن جي فراهمي لاءِ کنيل قدم ساراهه جوڳا آهن هن منصوبي کي يونيورسٽي جي اهم ضرورت جي پورائي قرار ڏيندي چيو ته جديد سهولتن جي فراهمي سان تعليمي ادارن ۾ شاگردن لاءِ وڌيڪ بهتر ۽ سازگار ماحول پيدا ڪري سگهجي ٿو هن وڌيڪ چيو ته تعليمي ادارن جي ترقي رڳو عمارتن ۽ تعليمي سرگرمين تائين محدود نه هجڻ گهرجي پر شاگردن کي پيئڻ جو صاف پاڻي، بجلي، صحت ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي فراهمي پڻ يقيني بڻائڻ ضروري آهي ڇاڪاڻ ته اهڙيون سهولتون تعليمي سرگرمين جي تسلسل ۽ شاگردن جي مجموعي ڀلائي سان سڌيءَ طرح لاڳاپيل آهن يونيورسٽي ۾ قائم ڪيل هي جديد منصوبو نه رڳو روزانو وڏي مقدار ۾ پاڻي صاف ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو پر شمسي توانائي جي استعمال سبب پائيدار ترقي ۽ ماحول دوست توانائي جي فروغ واري سوچ جو پڻ عڪاس آهي نارا ڪينال کان پاڻي جي فراهمي، جديد ٽريٽمينٽ نظام، ذخيرن لاءِ وڏين ٽانڪين ۽ مڪمل ڊسٽريبيوشن نيٽ ورڪ جي موجودگي سان يونيورسٽي ڪيمپس جي پاڻي جي ضرورتن کي منظم طريقي سان پورو ڪرڻ ۾ مدد ملندي واضح رهي ته اروڙ يونيورسٽي ۾ جديد واٽر فلٽريشن پلانٽ جي قيام سان شاگردن، استادن ۽ عملي کي صاف ۽ محفوظ پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي لاءِ هڪ اهم بنيادي سهولت ميسر ٿي آهي جيڪا يونيورسٽي ۾ تعليمي، تحقيقي ۽ انتظامي سرگرمين لاءِ صحتمند ۽ پائيدار ماحول قائم ڪرڻ واري ڪوشش جو حصو آهي

بقايا عوامي سوچ 17

بازي ڪري رهي، وفاقي پارليماني نظام ختم ڪري هائبرڊ ون يونٽ مڙهڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي: سيد زين شاهه رپورٽ موجب سنڌ يونائيٽيڊ پارٽيءَ جو صدر سيد زين شاهه وحدت سنڌ عوامي جاڳرتا ۽ رابطا مهم جي سلسلي ۾ ٽنڊو محمد خان پهتو جتي ضلعي صدر عمران لغاري سميت ڪارڪنن شهرين اجرڪون پارائي گل ورڪا ڪندي سنڌس شاندار استقبال ڪيو ايوبيه اسٽاپ تي ريلي کي خطاب ڪندي سيد زين شاهه چيو ته ملڪ ۾ پارليامانی وفاقي نظام ختم ڪري هائبرڊ ون يونٽ قائم ڪرڻ جون ڪوششون ٿي رهيون آهن. وفاق سنڌ ۾ نئين بلدياتي نظام جي نالي تي الڳ سياسي، انتظامي ۽ مالياتي يونٽ ٺاهڻ چاهي ٿو جنهن ۾ ، وفاق سنڌ جي ساموندي پٽي کي الڳ ڪري اقتصادي زون ۽ الڳ يونٽ ڪرڻ چاهي ٿو سنڌ جي تهذيبي، تمدني سجاڳپ ۽ وحدانيت تي وار ڪرڻ جون ڪوششون تيز ڪيون پيون وڃن. پيپلزپارٽي جي حڪومت سنڌ جي وسيلن ۽ حقن جو سودو ڪري رهي آهي، ڪينالن واري معاملي وانگر هن ڀيري به پيپلزپارٽي سنڌ سان دوکو ۽ پردي پويان سوديبازي ڪري رهي آهي. پيپلزپارٽي جي ڪنهن به ڳالهه اعتبار ڪرڻ ڌوکو کائڻ جي برابر آهي ان ڪري سنڌ ۾ وحدت سنڌ رابطا مهم هلائي ورهاڱي خلاف عوام کي متحد ڪري رهيا آهيون. عوامي سگهه سان سنڌ جي دشمنن جا ناپاڪ ارادا مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏينداسين ٽنڊو محمد خان وحدت سنڌ عوامي جاڳرتا ريليءَ ۾ ايس يو پي جي ضلعي اڳواڻن ڪارڪنن ۽ شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪري سنڌ جي وحدت ۽ وسيلن جي تحفظ لاءِ جدوجهد ۾ هر قسم جي قرباني ڏيڻ جو وچن ڪيو

بقايا عوامي سوچ 18

۽ ٻين ٺيڪيدارن لاڙڪاڻو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته اسان پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل کان رجسٽرڊ ٺيڪيدار آهيون، اسان پروفيشنل ڪانٽريڪٽر هميشه سموريون گهرجون پوريون ڪري لاڙڪاڻي سميت ٻين ضلعن جي ٽينڊرن ۾ حصو وٺندا آهيون. هن الزام لڳايو ته 3 مهينا اڳ پراونشل بلڊنگ ڪاتي جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر عارف پٽي ٽينڊر جاري ڪيا جن ٽينڊرن کي 3 مهينن ۾ مڪمل ڪرڻو هو پر ايگزيڪيوٽو انجنيئر سوا سئو ڪروڙ جي 34 ڪمن مان هر هڪ ڪم تي اسان سميت 17 جي لڳ ڀڳ ٺيڪيدارن حصو ورتو پر ان جي باوجود ايگزيڪيوٽو انجنيئر سپرا رولز جي پيچڪڙي ڪندي هر هڪ ڪم تي صرف هڪ ٺيڪيدار کي اهل قرار ڏئي پروفيشنل ٺيڪيدارن جي ڪاغذن تي مختلف اعتراض لڳائي انهن جا ڪاغذ رد ڪري ڇڏيا آهن جنهن مان ايگزيڪيوٽو انجنيئر جي بدنيتي ظاهر ٿئي ٿي جنهن ملي ڀڳت ڪري پنهنجي من پسند ٺيڪيدارن کي نوازي ڇڏيو آهي جن پروفيشنل سموريون گهرجون پوريون ڪيون آهن انهن جي حقن تي ڌاڙو هڻي وڏي ناجائزي ڪئي وئي آهي. هنن چيو ته اسان وٽ اٽينڊنس شيٽ سميت ٻيا ثبوت آهن اهڙيون شڪايتون اسان شڪايتي ڪميٽي کي ڪئي پر اتي به ٺيڪيدارن جي شڪايتن جو ازالو نه ڪيو ويو جنهن ڪري اسان مجبور ٿي اڄ احتجاج طور پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهيون. لاڙڪاڻي ۾ مسلسل اربين ۽ ڪروڙين روپين جا ٽينڊر اچن پيا، اسان پهريان به جدوجهد ڪري 400 ڪروڙ روپين جا ٽينڊر رد ڪرائي ڇڏيا هاڻي به اسان پنهنجي حقن تي ڌاڙو هڻڻ نه ڏينداسين. هنن وس وارن کي اپيل ڪئي ته ايگزيڪيوٽو انجنيئر پراونشل بلڊنگ عارف پٽي کي عهدي تي هٽائي صاف ۽ شفاف نموني سپرا رولز موجب ٽينڊر ڪرايا وڃن ٻي صورت اسان عدالت جو در کڙڪائڻ سميت هر فورم تي آواز اٿارينداسين.

بقايا عوامي سوچ 19

ڪالوني جي رهواسڻ پيرسن عورت شمون مغل پنهنجي نوجوان پٽ سجاد مغل جي مبينا گمشدگي خلاف احمد خان مغل، قل خان، فرزانا مغل، سيما، علي بخش مغل، صابر پٽي، شاهد ناريجو، عباس علي ڪنيار ۽ ٻين وارثن سان گڏ ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن ٻڌايو ته ٽي ڏينهن اڳ سنڌن گهر ۾ پٽ ڄمڻ جي خوشي ۾ رات جو تقريب منعقد ڪئي پئي وئي، جنهن دوران رات جو تقريبن 11 وڳي سنڌن پٽ جا دوست فرحان شيدي، اعظم ڪنڊرا ۽ علو مير گهر پهتا، جتي سجاد مغل کين برياني کارائي. وارثن موجب رات جو 12 وڳي جاٽايل ماڻهو سجاد مغل کي پاڻ سان گڏ وٺي ويا، جنهن بعد هو اجا تائين گهر واپس نه موٽيو آهي ۽ سنڌس ڪوبه ڏس پتو نه پئجي سگهيو آهي. احتجاج ڪندڙن الزام لڳايو ته واقعي بابت پوليس کي اطلاع ڏيڻ باوجود هن وقت تائين ڪا به اثرائتي ڪارروائي نه ڪئي وئي آهي. پيرسن ماءُ روئيندي خدشو ظاهر ڪيو ته کين ڊپ آهي ته ڪٿي سنڌن پٽ سان ڪو اڻوڻندڙ واقعو پيش نه اچي وڃي. هنن آءِ جي سنڌ، سيشن جج ۽ ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان کان مطالبو ڪيو ته نوجوان سجاد مغل جي گمشدگي جو نوٽيس وٺي فوري طور سنڌس بازيابي کي يقيني بڻايو وڃي ۽ واقعي ۾ ملوث هجڻ جي شڪ هيٺ جاٽايل ماڻهن کان جاچ ڪري وارثن سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 20

ريلي ڪڍي وئي. ريلي جي اڳواڻي پاڪستان فشر فوڪ فورم جي چيئرمين مهراڻ شاهه ۽ ياسمين شاهه ڪري رهي هئي. ريلي ۾ علائقي جي ماهيگيرن، سول سوسائٽي ۽ ماهيگير عورتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. انهي موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اڄ سڄي دنيا ۾ ماهيگيرن جو عالمي ڏهاڙو ملهايو پيو وڃي. پر افسوس اسان جو ماهيگير اڄ به بک ۽ بدحاليءَ واري زندگي گذاري رهيو آهي. ڪيترائي ماهيگير اڄ به ڀارتي جيلن ۾ قيد آهن ۽ سنڌن خاندان فاقا ڪشي واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهي. سنڌن آزادي لاءِ حڪومتي سطح تي ڪي به جوڳا اپاءَ ناهن ورتا ويا ۽ نه ئي سنڌن خاندان جي ڪا سار لڌي وئي آهي. فشر فوڪ فورم جي اڳواڻن ماهيگيرن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي حڪومت پاڪستان، فشريز ڪاتو سنڌ ۽ انساني حقن جي تنظيمن کان ڀارتي جيلن ۾ قيد ماهيگيرن جي جلد آزادي لاءِ جوڳا اپاءَ وٺڻ جي اپيل ڪندي گهر ڪئي ته ماهيگيرن کي بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن. انهن کي ماهيگير ڪارڊ جاري ڪيو وڃي ۽ سنڌن ٻچن جي پرگهور لڌي وڃي

بقايا عوامي سوچ 21

eجي سهڪار سان قائم ڪيل صاف پيئڻ جي پاڻيءَ جي فلٽر پلانٽ جي افتتاحي تقريب ۾ خاص مهمان طور شرڪت ڪئي. ان موقعي تي صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي عوام کي صاف ۽ محفوظ پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪرڻ لاءِ قائم ڪيل فلٽر پلانٽ جو باقاعده افتتاح ڪيو ۽ هن فلاحي قدم کي ساراهيو. بعد ۾ صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي ڳوٺ الهچايو چانگ ۾ چانگ برادريءَ جي شاديءَ جي تقريب ۾ پڻ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي غلام نبي عرف نبي ٻٻر، حاجي فيض محمد بروهي، رجب علي مري، تنوير بارچ، علي محمد بروهي، چاچا هاشم ماڇي، محمد علي ٻٻر، رزاق ٻٻر سميت ٻيا معزز شخصيتون پڻ موجود هيون.

بقايا عوامي سوچ 22

ڻ تي حد جي بيلدار ٻڌايو ته ايس ڊي او جي مبينا حڪمن تي داروغي لاڪاٽي شاخ تي سرڪاري وڻ وڍرايا آهن. جڏهن ته مقامي ذريعن موجب داروغي جي نگراني ۾ ٻه اوورلوڊ گاڏيون سرڪاري وڻن جي ڪاٺ سان ڀري وڪرو ڪيون ويون. سرڪاري ملڪيت کي نقصان پهچائڻ ۽ قيمتي وڻن جي غيرقانوني واڍي تي علائقي واسين انجنيئر جمڙائو ڪئنال، ڊائريڪٽر نارا ڪئنال ايريا واٽر بورڊ ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر اينٽي ڪرپشن کان معاملي جو فوري نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائڻ ۽ ڪوتاهي ڪندڙ توڙي ملوث ذميوارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي. سرڪاري وڻن جي واڍي جو ذميوار ڪير؟ معاملي جي جاچ ۽ ڪارروائي جو مطالبو

بقايا عوامي سوچ 23

تي عوامي پريس ڪلب سانگهڙ جي نائب صدر عطا محمد نظاماڻي ۽ انفارميشن سيڪريٽري مشڪور احمد يوسفزئي سينئر صحافي غلام قادر کهيري سان ملاقات ڪري کيس گلن ۽ نيڪ تمنائن سان عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ تي مبارڪباد ڏني وفد پاران دعا ڪئي وئي ته الله پاڪ سنڌن حاضري ۽ عبادتن کي پنهنجي بارگاهه ۾ قبول فرمائي، کين صحت ۽ سلامتي عطا ڪري ۽ بار بار پنهنجي پاڪ گهر جي حاضري نصيب فرمائي. ملاقات دوران محبت، ڀائپي ۽ صحافتي لاڳاپن جو اظهار پڻ ڪيو ويو. سينئر صحافي غلام قادر کهيري وفد جي محبت جو ٿورائتو ٿيندي چيو ته دوستن جي دعائن سان الله پاڪ عمري جي سعادت نصيب فرمائي، دعا آهي ته الله پاڪ سڀني مسلمانن کي پنهنجي گهر جي حاضري نصيب فرمائي.

بقايا عوامي سوچ 24

ي ڪرايل يونٽ بچائڻ ۾ مشغول ٿي وئي آهي، هاڻي لوڊشيڊنگ جي ٽائيم ته بجلي بند پر بجلي اچڻ واري ٽائيم ۾ وري ٽرانسفارمرن جو لنڪون لاهي ڪم جو بهانو ڇاڻائي بجلي ان علائقن جي بند ڪئي پئي وڃي، جيڪو عمل سيوهڻ جي عوام سان واپڊا انتظاميه سيوهڻ جا عملدار ظلم ڪري رهيا آهن، انهن علائقن جو ڪاروبار ٺپ ٿي ويو آهي، جڏهن ته هن سردي جي موسم ۾ ته لوڊشيڊنگ هميشه گهٽ ڪئي ويندي آهي، پر هن ڀيري واپڊا انتظاميه سيوهڻ جي عوام سان ظلم ڪري رهي آهي، جڏهن ته گرمي جي موسم ختم ٿيڻ جي باوجود به بجلي جي لوڊشيڊنگ ڪٿان جو قانون آهي، جڏهن ته هاڻي ته سيزن ختم ٿي وئي آهي، ڪيترائي يونٽ بجلي جا بچت ٿيندا هوندا، افسوس سيوهڻ واپڊا انتظاميه لوڊشيڊنگ ۾ گهٽتائي نه ڪري رهي آهي، جڏهن ته بجلي جي لوڊشيڊنگ جي غلط ٽائيمنگ جي ڪري سيوهڻ شهر جو ڪاروبار ٺپ، ڏکهي لوڊشيڊنگ جي ڪري سيوهڻ جي واپارين ۽ شهرين لاءِ پريشاني جو سبب بڻجي وئي آهي، سيوهڻ شريف ۾ اڳ ئي ڪاروباري سرگرميون هلندڙ ترقياتي ڪمن جي ڪري سخت متاثر آهن، مٿان وري واپڊا انتظاميا پاران شام جي وقت ڏکهي لوڊشيڊنگ سبب واپارين کي وڌيڪ معاشي نقصان پهچي رهيو آهي، شهرين ۽ واپارين موجب شام 7 وڳي کان رات 10 وڳي تائين بجلي بند هجڻ سبب ڪاروبار سخت متاثر ٿي رهيو آهي، جڏهن ته سيوهڻ ۾ درگاهه حضرت لعل شهباز قلندر رحمت الله عليه تي حاضري لاءِ زائرين جي اچڻ جو رش به عام طور تي شام 7 کان رات 10 وڳي تائين هوندو آهي، اهڙي اهم وقت تي بجلي بند هجڻ سبب دڪاندارن، هوٽل مالڪن ۽ ٻين ڪاروباري ماڻهن جو ڪاروبار ٺپ ٿي وڃي ٿو، سيوهڻ شهر جي شهرين ۽ واپارين واپڊا انتظاميه سيوهڻ جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته شام جي رش واري وقت ۾ لوڊشيڊنگ ختم ڪري شهر کي بجلي جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي، ۽ جيڪي ٽرانسفارمر جون لنڪون لاهي بجلي جي لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي اهو سلسلو بند ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 25

فراهمي يقيني بنائڻ آهي،هن چيو ته نئون ڪوٽ وٽان 36 انچن جي نئين لائين وڇائي مٺي،اسلام ڪوٽ،نگرپارڪر سميت ٻين علائقن کي پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي لاءِ هڪ نئين رٿا تي غور ڪيو پيو وڃي جڏهن ته ٿرپارڪر ۾ 832 آرو پلانٽ موجود آهن جن مان 50 سيڪڙو هن مهل هلندڙ آهن باقي به جلد شروع ٿي ويندا،هو اڄ ڊي سي آفيس مٺي ۾ عملدارن سان گڏجاڻي ڪرڻ بعد ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائي رهيو هو،ان موقعي تي ڳالهائيندي هن وڌيڪ چيو ته نئون ڪوٽ وٽ پاڻي جي تلائن جي گنجائش وڌائڻ سميت شاخ مان وڌيڪ پاڻي کڻڻ وارا معامرا جلد حل ڪري مٺي کان اسلام ڪوٽ ۽ پوءِ نگرپارڪر کي پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي کي يقيني بنايو ويندو هن آرو پلانٽن بابت پڇيل سوال جي جواب ۾ چيو ته مصري شاهه ۽ اسلام ڪوٽ واري آرو پلانٽن تان هڪ مهيني اندر مڪمل پاڻي جي فراهمي يقيني بنائي ويندي جڏهن ته سمورن آرو پلانٽن کي سولرائيز ڪري انهن کي ڪميونٽي بيسڊ تنظيمن حوالي ڪيو ويندو هن چيو ته هاڻي هر رٿا بي او ٽي (بلٽ آپريٽ اينڊ ٽرانسفر) بنيادن تي هلائي ويندي يعني جيڪو ادارو جنهن ڳوٺ ۾ رٿا تيار ڪندو اهو ٻن سالن بعد ان ڳوٺاڻن جي حوالي ڪندو ته جيئن نه صرف اهي ان رٿا جي مالڪي ڪن پر ان رٿا جو کين لاڀ به ملي، ٿرپارڪر ۾ ڏڪار جي حوالي سان ڳالهائيندي هن چيو ته برساتون گهٽ پوڻ جي ڪري سرڪار ان کي ڏڪار ستيل ضلعو قرار ڏيئي مالي امداد جو اعلان ڪيو آهي جيڪو ڪافي ناهي پر تنهن هوندي به ماڻهن جي ٿوري گهڻي امداد ٿي ويندي جڏهن ته پاڻي جي هاڻي وڌيڪ کپت ٿيندي تنهن ڪري ڪاتي جو سمورو فوڪس ماڻهن کي پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي تي آهي. ان کان اڳ هن ڊي سي آفيس مٺي جي ڪميٽي روم ۾ ڪاتي جي عملدارن سان گڏجاڻي ڪئي جنهن ۾ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر قاسم سراج سومرو، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ اينڊ رورل ڊولپمينٽ ڪاتي جي سيڪريٽري سهيل احمد راجپوت ،ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي،چيف انجنيئر پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ سڪندر علي ميمڻ، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ٿرپارڪر هاشم مسعود ، ٽائون ڪميٽي مٺي جي چيئرمن ڊاڪٽر منوج ڪمار ملاڻي،پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڪاتي جي ايگزيڪيوٽوانجنيئرن علي رضا سهتو،منصور ڪنير سميت ٻين واسطيدار ڪاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي. گڏجاڻي ۾ ڳالهائيندي هن چيو ته ترقياتي رٿائن جي ڪم جي معيار تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو وڃي ۽ انهن کي وقت سر مڪمل ڪرڻ کي يقيني بڻايو وڃي ته جيئن عوام کي انهن جو ثمر ملي سگهي. هن چيو ته عوام کي به گهرجي ته اهي سنڌن ڳوٺن ۽ علائقن ۾ هلندڙ مختلف ترقياتي ڪمن جي نگراني ڪن ۽ ڪٿي به ڪا ڪوتاهي ڏسن ته ان جي نشاندهي ضرور ڪن ته جيئن واسطيدارن خلاف ڪارروائي ڪري سرڪاري پئسي کي ضايع ٿيڻ کان بچائي سگهجي. ان موقعي تي سنڌ اسيمبلي جي ميمبر قاسم سراج سومرو ۽ ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي پاران کيس ضلعي جي سٽن ئي تعلقن ۾ پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي،پراڻين پائيپ لائينن جي جاءِ تي نيون پائيپ لائينون وڇائڻ،آبادي جي حساب سان پاڻي جي ورڇ،آرو پلانٽن کي فعال بنائڻ سميت ضلعي جي گهرج سميت ٻين معاملن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي.

بقايا عوامي سوچ 26

ورثي ۽ ٻين تخليقي موضوعن تي تيار ڪيل مختلف ماڊلز ۽ منصوبن ذريعي پنهنجي علمي قابليت ذهانت ۽ تخليقي صلاحيتن جو ڀرپور مظاهرو ڪيو. نمائش ۾ شاگردياڻين پاران پيش ڪيل سائنسي ماڊلز ۽ جديد ٽيڪنالاجي تي ٻڌل منصوبن شرڪت ڪندڙن جي خاص توجهه حاصل ڪئي. شاگردياڻين پنهنجي تيار ڪيل منصوبن بابت اعتماد سان وضاحتون پيش ڪيون ۽ عملي سکيا تحقيق جديد سوچ ۽ مسئلن جي حل لاءِ پنهنجي صلاحيتن جو بهترين اظهار ڪيو. ان موقعي تي اسڪول جي هيڊمسٽريس ميڊم ثمينه شاهين سانداڻو جي ڪوشش بهترين انتظامي صلاحيتن ۽ تعليمي دلچسپي کي خاص طور ساراهيو ويو جن جي رهنمائي ۽ محنت سان شاگردياڻين کي پنهنجي صلاحيتن جي اظهار لاءِ هڪ بهترين تعليمي ۽ تخليقي ماحول فراهم ٿيو. تقريب ۾ ضلعي فوڪل پرسن احمد سعيد ڪلهوڙو، اي اي او عبدالواحد ميمڻ ۽ ٽي اي او پرائمري (في ميل) حميده پتوجو پڻ خصوصي طور ساراهه جا مستحق قرار ڏنا ويا جن تعليمي سرگرمين جي حوصلا افزائي ۽ شاگردياڻين جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. نمائش ۾ شاگردياڻين جي محنت خوداعتمادي ۽ پيشڪش جي انداز مان ظاهر ٿيو ته اسڪولن ۾ جيڪڏهن جديد تعليمي سرگرمين تحقيق ۽ عملي سکيا جا مناسب موقعا فراهم ڪيا وڃن ته نياڻيون به سائنس ٽيڪنالاجي ۽ جدت جي ميدان ۾ نمايان ڪاميابيون حاصل ڪري سگهن ٿيون. سنڌ اسٽريم فيسٽيول جهڙيون سرگرميون نه رڳو شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ تعليمي دلچسپي وڌائين ٿيون پر انهن ۾ تنقيدي سوچ تخليقي صلاحيت تحقيق جو جذبو مسئلن کي سمجهڻ ۽ انهن جا عملي حل ڳولڻ جي صلاحيت پڻ پيدا ڪن ٿيون. تعليم جي ميدان ۾ اهڙيون ڪوششون يقيناً روشن مستقبل جي ضمانت آهن چو ته اڄ جون باصلاحيت شاگردياڻيون سڀاڻي جي علمي سائنسي ۽ سماجي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪنديون. آخر ۾ هيڊمسٽريس ميڊم ثمينه شاهين سانداڻو ضلعي فوڪل پرسن احمد سعيد ڪلهوڙو، اي اي او عبدالواحد ميمڻ، ٽي اي او پرائمري (في ميل) حميده پتوجو سموري تدريسي عملي ۽ محنتي شاگردياڻين کي ڪامياب نمائش جي انعقاد تي مبارڪباد پيش ڪئي وئي ۽ سنڌن روشن مستقبل لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ويو

بقايا عوامي سوچ 27

شاهه خصوصي شرڪت ڪئي انهي موقعي تي قائد عوام يونيورسٽي آف انجنيئرگ سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي نواب شاهه جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر رضا سمون بريفنگ ڏيندي چيو ته سال 2022 بئچ جي 492 شاگردن کي ڊگريون گولڊ ميڊل سرٽيفڪيٽ ايوارڊ ڏنا ويا آهن هن چيو ته ڊگريون حاصل ڪندڙن ۾ 9 پي ايچ ڊي 6 ماسٽر انجنيئرنگ 13 ماسٽر سائنس جڏهن ته 25 مختلف ڊپارٽمينٽن جا 464 بيچلر شاگرد شامل آهن جڏهن ته پنج فئڪلٽي ٽاپ شاگردن مس طوبا مغل شهمير علي ابڙو محمد ابراهيم قريشي اعزاز علي شاهه ناظم حسين زرداري کيس گولڊ ميڊل سلور ميڊل سرٽيفڪيٽ ۽ انعام ڏنو ويو آهي جڏهن ته ڪانووڪيشن کي خطاب ۽ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه چيو ته تعليم جي معيار کي وڌيڪ بهتر بنائڻ جي لاءِ سنڌ حڪومت ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ سنڌ جي يونيورسٽين جي لاءِ وڌيڪ فنڊ مختص ڪيا آهن قائد عوام يونيورسٽي ۾ ٻين يونيورسٽين کان وڌيڪ بهتري آئي آهي هڪ سوال جي جواب ۾ چيف سيڪريٽري چيو ته تازو هڪ کان 4 گريڊ تائين ڀرتي ٿيندڙ ملازمن جي پگهار ڪاغذن جي تصديق ڪرڻ جي سلسلي ۾ دير ٿي آهي مون سيڪريٽري تعليم ۽ ٻين کي هدايتون ڏنيون آهن ته 15 ڏينهن جي اندر ويريفڪيشن ڪري پگهارون جاري ڪيون وڃن هن چيو ته هي ڏينهن منهنجي لاءِ به اهميت رکي ٿو ڇاڪاڻ ته 1986ع ۾ مان هن ئي ڪيمپس ۾ هڪ شاگرد جي حيثيت سان داخل ٿيو هئس ۽ اڄ 40 سالن کان پوءِ ساڳئي اداري جي ڪانووڪيشن جي صدارت ڪري رهيو آهيان هن چيو ته ڪجهه سال اڳ يونيورسٽين ۾ مختلف قسم جا بحران ۽ مسئلا هوندا هئا هر روز نوان مسئلا سامهون ايندا هئا، پر هاڻي صورتحال تبديل ٿي چڪي آهي. اڳ اسان جو ڪيمپس تمام ننڍڙو هوندو هو، جتي صرف ٽي فيڪلٽيون هيون، جڏهن ته اڄ اوهان جي يونيورسٽيءَ ۾ ڪيترائي تعليمي شعبا، ٽيڪنالاجيءَ جا جديد شعبا ۽ شاگردن سان گڏ شاگردياڻين جو وڏو انگ موجود آهي هن چيو ته ڪنهن به معاشري جي ترقي ۾ نوجوان نسل جو انتهائي اهم ڪردار هوندو آهي. اسان کي اوهان کان اميد آهي ته اوهان علمي مهارت، محنت ۽ بهترين ڪارڪردگيءَ کي پنهنجي زندگيءَ جو مقصد بڻائيندا. بيچلر جي ڊگري حاصل ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي تعليم کي اتي ختم نه ڪجو، پر اڳتي وڌو، اعليٰ تعليم حاصل ڪريو ۽ پنهنجي ملڪ جي ترقيءَ ۾ ڪردار ادا ڪريو هن چيو ته اڪثر اهو سوچيو ويندو آهي ته اسان جو تعلق ڪنهن پٺتي پيل ملڪ يا ٻهراڙي واري علائقي سان آهي، تنهنڪري شايد اسان وڏيون ڪاميابيون حاصل نه ڪري سگهون پر اها سوچ غلط آهي. قابليت ۽ محنت رکندڙ ماڻهو هر هنڌ ڪامياب ٿي سگهن ٿا. هن چيو ته ڊگري حاصل ڪري اهو نه توهان سمجهو ته توهان سڀ ڪجهه حاصل ڪري ورتو آهي. حقيقت ۾ ڊگري حاصل ڪرڻ کان پوءِ اوهان جي ذميواري اڃا وڌيڪ وڌي وڃي ٿي. اوهان کي پنهنجي علم، قابليت ۽ صلاحيتن کي عملي زندگي ۾ ثابت ڪرڻو پوند هن چيو ته توهان جي والدين توهان جي تعليم لاءِ تمام گهڻيون قربانيون ڏنيون آهن. انهن جي اميدن کي پورو ڪرڻ اوهان جي ذميواري آهي هن چيو ته پنهنجي استادن جي عزت ڪريو. علم جي دولت اهڙي دولت آهي، جيڪا ورهائڻ سان گهٽجڻ بدران وڌندي آهي. استاد انسان کي علم، شعور ۽ زندگي جو رستو ڏيکاريندا آهن. انهن جي عزت ۽ احترام کي هميشه پنهنجي زندگيءَ جو حصو بڻايو ڪانووڪيشن ۾ ايم پي اي غلام قادر چانڊيو سيڪريٽري يونيورسٽي اينڊ بورڊ عباس بلوچ وائيس چانسلر پيپلز ميڊيڪل يونيورسٽي پروفيسر ڊاڪٽر علي اڪبر سيال ڪمشنر غلام قادر خان ٽالپر ڊي آئي جي فيصل بشير ميمڻ ايس ايس پي سمير نور چنا ۽ ٻين شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 28

نتظامي ماحول ۾ جاري دي ناليج پبلڪ اسڪول چنيهاڻي ۾ سال 2026_27ع جي سالياني مڊٽرم امتحانن جو سلسلو جديد انتظامن ۽ خوشگوار تعليمي ماحول ۾ جاري آهي. امتحانن جي پنجين ڏينهن تي پڻ نرسري کان ميٽرڪ تائين جي شاگردن کان مختلف مضمونن جا مڊٽرم امتحان ورتا ويا. اسڪول انتظاميا پاران شاگردن لاءِ بهترين انتظام ڪيا ويا آهن، جڏهن ته سمورو امتحاني عمل پرامن، پرسڪون ۽ منظم ماحول ۾ جاري آهن. امتحاني سرگرميون اسڪول جي پرنسپال عمران احمد عباسي جي نگرانيءَ هيٺ جاري آهن. دي ناليج پبلڪ اسڪول چنيهاڻي جي پرنسپال عمران احمد عباسي ۽ وائيس پرنسپال اختيار علي ابڙو جي دعوت تي هاءِ اسڪول سڪول جي مختلف ڪلاسن ۾ قائم مڊٽرم امتحاني سينٽر جو دورو ڪري شاگردن جي تعليمي ڪارڪردگي ۽ امتحاني انتظامن جو جائزو ورتو. آيل مهمانن چيو ته دي ناليج پبلڪ اسڪول چنيهاڻي جي پرنسپال عمران احمد عباسي، استاد قدير ابڙو، استاد ماجد عباسي ۽ استاد مسعود سولنگي پاران محنت، لگن ۽ تعليم جي واڌاري لاءِ ڪيل ڪوششون ساراهه جوڳيون آهن. آيل مهمانن جو وڌيڪ چوڻ هيو دي ناليج پبلڪ اسڪول چنيهاڻي مستقبل ۾ پڻ تعليمي ميدان ۾ پنهنجي محنت ۽ شاندار ڪارڪردگيءَ ذريعي شاگردن کي معياري تعليم فراهم ڪري اسڪول جو نالو روشن ڪندا.

بقايا عوامي سوچ 29

جي رهواسين سليم مري، ڪاشف مري ۽ نواز مري خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري ميڊيا اڳيان دانهيو ويو. ان موقعي تي شبيران جوکي ميڊيا اڳيان دانهيندي الزام هنيو ته مان سير صفر ڪندي آهيان. جوابدارن مون کي مبينا طور اغوا ڪري زوري نڪاح ڪيو. جنهن بعد پوليس ۽ جج صاحب جي مدد سان بازياب ڪرايو ويو. هن الزام هنيو ته جوابدار سليم مري نشي واريون انجيڪشنون هڻي مون سان زوري نڪاح ڪيو ۽ اڳ ۾ ٿيل نڪاح باوجود ٻيهر نڪاح ڪيو ويو. متاثر عورت وڌيڪ دانهيندي چيو ته واقعي بابت منهنجي ايف آءِ آر داخل ٿيل آهي. پر جوابدار سليم مري، ڪاشف مري ۽ نواز مري مون کي ڪيس تان هٽ ڪڻ لاءِ ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، جڏهن ته منهنجي گهروارن کي پڻ هراسان ڪيو پيو وڃي. شبيران جوکي ايس ايس پي نوشهروفيروز، ڊي ايس پي محرابپور ۽ ايس ايڇ او هالاڻي کي اپيل ڪندي مطالبو ڪيو ته جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري ڪيس ۽ سنڌس خاندان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 30

ي جامشورو ۾ مير نواز ملاح غلام شبير ملاح اڪرم ملاح محمد علي گهانگهرو جي اڳواڻي ۾ شهر کان ريلي ڪڍي شهر جي مختلف علائقن جو گشت ڪرڻ بعد جامشورو ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب پهتي 21 نومبر ماهيگيرن جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان سنڌ ملاح فورم پاران سڄي سنڌ جي هيڊ ڪوارٽرن ۾ ريليون ڪڍيون وينديون. ان حوالي سان سنڌ ملاح فورم حيدرآباد ڊويزن جي صدر مير نواز ملاح جامشورو ضلعي جي صدر ۽ سياسي سماجي شخصيت شبير ملاح اڪرم ملاح محمد علي گهانگهرو جامشورو ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب پهچي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته 21 نومبر تي سنڌ ملاح فورم طرفان جامشورو ضلعي هيڊ ڪوارٽر ۾ شهر جي شاهي بازار کان ريلي ڪڍي شهر جو گشت ڪرڻ بعد جامشورو ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪيو ويندو. اڳواڻ صحافين سان ڳالهائيندي وڌيڪ چيو ته سڄي سنڌ اندر ملاح بيروزگار آهن اسان جي ضلعي اندر منڇر ڍنڍ آهي ۽ هن ضلعي جو ئي وزير اعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه جو تڪ آهي پر افسوس آهي ته ايشيا جي وڏي ۾ وڏي ڍنڍ زهريلي پاڻي سبب تباهه برباد ٿي وئي آهي اتان جا ملاح فاڪا ڪشي سبب لڏ پلاڻ ڪري ويا آهن جيڪي ساموندي پٽي تي آباد آهن پر اتي به تازو افغاني پٺاڻن انهن جي پيٽ تي حملو ڪيو آهي جنهن جي اسان مذمت ڪيون ٿا، هنن سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته سنڌ جي مهاڻن کي جديد سهولتون مهيا ڪيون وڃن

بقايا عوامي سوچ 31

ڪٽڪ جي پوک لاءِ زرعي پيڪيج ورهايا. رافا پراجيڪٽ جي ڪوآرڊينيٽر عبدالواحد ملاح جاري ڪيل پريس رليز ۾ ٻڌايو ته اها ورهاست ريزيلينس اينڊ اڊاپٽيشن بائي فوسٽرنگ اينٽيسيپيٽري ايڪشن (رافا) منصوبي هيٺ ڪئي وئي، جنهن جي مالي مدد اطالوي پرڏيهي معاملن ۽ بين الاقوامي سهڪار واري وزارت اطالوي ايجنسي براءِ ترقياتي سهڪار ذريعي فراهم ڪئي. منصوبي هيٺ عمرڪوٽ ۾ 589 ۽ ميرپورخاص ۾ 261 هارين کي مدد ملي. هر هاري کي هڪ ايڪڙ لاءِ 38 کان 40 هزار رپين ماليت جو پيڪيج ڏنو ويو، جنهن ۾ هڪ 50 ڪلو گرام جو پري_بيسڪ ڪٽڪ جي ٻج جو ٿيلهو، ٻه 50 ڪلو گرام جا يوريا ڀاڻ جا ٿيلها ۽ هڪ 50 ڪلو گرام جو ڊي اي پي ڀاڻ جو ٿيلهو شامل هو. ٻج نيوڪليئر انسٽيٽيوٽ آف ايگريڪلچر ٽنڊوڄام مان حاصل ڪيو ويو. فراهم ڪيل قسمن جي متوقع پيداوار 65 کان 70 مڻ في ايڪڙ آهي. ان حساب سان 850 ايڪڙن تي مجموعي طور 55 هزار 250 کان 59 هزار 500 مڻ ڪٽڪ جي پيداوار متوقع آهي. عمرڪوٽ ۾ ورهاست تعلقي ساماري جي يو سي اراڙو پرگڙي ۽ تعلقي پٿوري جي يو سي پٿورو ۾ ٿي، جڏهن ته ميرپورخاص ۾ تعلقي جهڏو جي يو سي ميرالله بچايو ۽ تعلقي ڪوٽ غلام محمد جي يو سي ڏينگن پرگڙي جا هاري مستفيد ٿيا. منتظمين موجب منصوبي جو مقصد صرف فوري مدد نه پر هارين کي ايندڙ موسمن لاءِ ٻج محفوظ ڪرڻ جي قابل بڻائڻ آهي، ته جيئن واپاري ٻج تي ڀاڙڻ گهٽجي ۽ مقامي سطح تي ٻج جي دستيابي بهتر ٿئي

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر

روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.

رابطي لاءِ:

03072308754_03003924502

مڪلي اسٽيل ڪالوني سامهون ايس آر او آفيس پرسان شاهه سولر جي نئين برانچ جو افتتاح

ٺٽي ضلعي جي ماڻهن کي سنفليڪس جون جديد ليٿيم بيٽريون، انورٽر، سولر پليٽون ۽ وائرنگ سميت بهترين سهولتون هڪ ئي هنڌ فراهم ڪيون وينديون

ڪنهن به فني خرابي جي صورت ۾ بيٽري يا سامان جي مرمت يا متاستا بنا ڪنهن اضافي خرچ جي ڪئي ويندي

شاهه سولر تي سنفليڪس ڪان علاوه ٻين مشهور ڪمپنين جون بيٽريون ۽ انورٽر پڻ مناسب اگهن تي دستياب هوندا

گهوڙاباري (شاهه خالدڏاتاري) مڪلي اسٽيل ڪالوني سامهون ايس آر او آفيس پرسان شاهه سولر جي نئين برانچ جو افتتاح ڪيو ويو. افتتاحي تقريب ۾ درگاهه سخي ڏاتار جميل شاهه گرناري عليه السلام جي گادي نشين سيد ديدار حسين شا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

مون کي ايف آءِ آر ۾ شامل ڪرڻ جو مقصد منهنجي سياسي ساک کي متاثر ڪرڻ لاءِ ڪيو ويو آهي: پرديپ ڪمار

مٺي (ڊ ـ ر محمدرحيم مگريو)سابق ٽائون چيئرمين پرديپ ڪمار عرف چڪو مهراج پنهنجي ويڊيو بيان ۾ پيپلزپارٽي جي اڳواڻ ڊاڪٽر ڪتو مل جيوڻ، سريندر ولاسائي ۽ انجنيئر گيانچند ۽ سونو مل ڪنگهاراڻي سان مخاطب ٿيندي چيو ته. چيلهار واقعي ۾ منهنجو نالوڏيئي مون کي ايف آءِ آر ۾ شامل ڪرڻ جو مقصد منهنجي سياسي ساک کي متاثر /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

گورنمينٽ پرائمري اسڪول بروسر ڪالوني، گورنمينٽ پرائمري اسڪول حاجي ڏاڙهون بلوچ جي شاگردن ۾ ڪاپيون ورهايون

موجوده انفارميشن ٽيڪنالاجي جي دور ۾ دنيا تمام گهڻي ترقي ڪري رهي آهي

ان جي سامهون اسان تمام گهڻو پٺتي رهجي ويا آهيون. اهڙي وقت ۾ اسان سڀني جو فرض آهي

ملڪ ۽ قوم جي ترقي ۽ خدمت ۾ وک وڌايون. نياڻي توڙي پٽ تعليم هر ٻار جو بنيادي حق آهي

غلام الله(رپورٽ بابوجان هنگورجو)غلام الله ۽ آس پاس جي مختلف ڳوٺن جي اسڪولن ۾ ساڪرو جي سماجي خدمت ۾ اڳيرو رهندڙ ڪريمي برادرز امجد ڪريمي ۽ احمد ڪريمي پاران گورنمينٽ پرائمري اسڪول عبدالله بلوچ ، گورنمينٽ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

ماهيگيرن جي عالمي ڏهاڙي تي ڪينجهر ڍنڍ جي ڪناري شاندار تقريب

مڇيءَ جا هزارين ٻچا ڇڏيا ويا، بهترين ڪارڪردگي تي ايوارڊ ورهايا ويا

21 نومبر جي موقعي تي ڪينجهر ڍنڍ ٺٽي جي ڪناري هڪ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ماهيگيرن جي عالمي ڏهاڙي تي ڪينجهر ڍنڍ جي ڪناري شاندار تقريب، مڇيءَ جا هزارين ٻچا ڇڏيا ويا، بهترين ڪارڪردگ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

خانگي اسڪول ۾ شاگردن کي تعليم ،تربيت ۽ شعور ڏيڻ بدران مجرا ڊيڪارڻ جو نئون تعليمي ٽرينڊ شروع

ٺٽي جي علمي ،ادبي حلقن پاران ٺٽي جي تعليمي نظام تي ڳڻتي جو اظهار ڪري ڇڏيو

ساڄاهه وندن اسڪول اندر اهڙين تعليم دشمن سرگرمين تي سوال اٿاري ڇڏيو

اسڪول ٻارن جو مستقبل سنوارڻ لاءِ هوندا آهن يا اهڙن تماشن لاءِ؟ تعليم جي نالي تي اهڙين سرگرمين جو ذميوار آخر ڪير آهي؟

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ٺٽو جي ڊاپيجي جي خانگي اسڪول ۾ شاگردن کي تعليم ،تربيت ۽ شعور ڏيڻ بدران مجرا ڊيڪارڻ جو نئون تعليمي ٽرينڊ شروع ٿي ويو آهي ٺٽي جي علمي ،ادبي حلقن پاران ٺٽي جي تعليمي نظام تي ڳڻتي جو اظهار /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

ماهيگيرن جي عالمي ڏهاڙي تي ڪينجهر ڍنڍ جي ڪناري شاندار تقريب، مڇيءَ جا هزارين ٻچا ڇڏيا ويا

بهترين ڪارڪردگي تي ايوارڊ ورهايا ويا، ڍنڍ کي ٻيهر حفاظتي چارين لڳائڻ جو مطالبو

ماهيگيرن جي عالمي ڏهاڙي 21 نومبر جي موقعي تي ڪينجهر ڍنڍ ٺٽي جي ڪناري هڪ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي

جنهن ۾ ماهيگيرن، سنڌ يونيورسٽي جي شاگردن، فشريز کاتي جي آفيسرن ۽ مختلف ادارن جي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ماهيگيرن جي عالمي ڏهاڙي تي ڪينجهر ڍنڍ جي ڪناري شاندار تقريب، مڇيءَ جا هزارين ٻچا ڇڏيا ويا، بهترين ڪارڪردگي تي ايوارڊ ورهايا ويا، ڍنڍ کي ٻيهر حفاظتي چارين لڳائڻ جو مطالبو ماهيگيرن جي عالمي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

ملاحن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي دادو شهر ۾ ظفر علي ملاح جي اڳواڻي ۾ مزدور آباد ڪان ريلي

جنهن ۾ ملاح برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، نعريبازي ڪندا رهيا

ملاحن جو عالمي ڏينهن هر سال وانگر هن ڀيري به ڀرپور جوش ۽ جذبي سان ملهايو پيو وڃي

ملاحن جي قديمي روزگار جي ذريعن يعني درياءُ، ڍنڍن ۽ ڍورن تي ٻين بااثر ذاتين جا غيرقانوني قبضا آهن

دادو(رپورٽ: محمد رفيق چنه) ملاحن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي دادو شهر ۾ ظفر علي ملاح جي اڳواڻي ۾ مزدور آباد ڪان دادو پريس ڪلب تائين هٿن ۾ جهنڊا ۽ بينر کڻي وڏي ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ ملاح برادري جي ماڻهن وڏي ان/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

عالمي ٻارن جي ڏينهن جي موقعي تي آگاهي واڪ ۾ (برائيٽ بگننگ سوشل ويلفيئر) تنظيم جي ڀرپور شرڪت

ٻارن جي حقن، تحفظ ۽ روشن مستقبل بابت شعور اجاگر ڪرڻ لاءِ سي ويو تي آگاهي واڪ جو اهتمام ڪيو ويو

هن آگاهي واڪ ۾ (برائيٽ بگننگ سوشل ويلفيئر آرگنائيزيشن) (بي ايس ڊبليو او) جي صدر سڪينه ٻگهيو ۽ ٻيا شريڪ

هر ٻار کي خوشحال، محفوظ ۽ روشن مستقبل فراهم ڪرڻ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو)عالمي ٻارن جي ڏينهن جي موقعي تي آگاهي واڪ ۾ (برائيٽ بگننگ سوشل ويلفيئر) تنظيم جي ڀرپور شرڪت عالمي ٻارن جي ڏينهن جي موقعي تي سنڌ جي سماجي ڀلائي کاتي پاران ٻارن جي حقن، تحفظ ۽ روش/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

حکومت سندھ
محکمہ سماجی بہبود
بچوں کا محفوظ، باعزت اور روشن مستقبل
ہم سب کی مشترکہ ذمہ داری

بدين پاڪستان فشر فوڪ فورم بدين پاران ماهيگيرن جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو

ماهيگيرن کي ليبر تسليم ڪرڻ ۽ بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ جو مطالبو

ماهيگيرن جو روزگار، سندن حق ۽ سندن سڃاڻپ محفوظ بڻايو وڃي: ماهيگيرن کي مزدور تسليم ڪيو وڃي

بدين (رجب راهمون)بدين پاڪستان فشر فوڪ فورم بدين پاران ماهيگيرن جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو، ماهيگيرن کي ليبر تسليم ڪرڻ ۽ بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ جو مطالبو پاڪستان فشرفوڪ فورم ضلعي بدين پاران اڄ 21 نومبر تي ماهيگيرن جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو، جنهن ۾ ماهيگيرن ۽ تنظيم جي اڳواڻن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

تاريخي پنيور ۾ مهاڻن جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو

تعليم کي شعور، ترقي ۽ غلاميءَ کان ڇوٽڪاري جو ذريعو قرار

پنيور ۾ مهاڻن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي سمنڊ ڪناري اميرالبحر پاران هڪ تقريب منعقد

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) تاريخي پنيور ۾ مهاڻن جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو، تعليم کي شعور، ترقي ۽ غلاميءَ کان ڇوٽڪاري جو ذريعو قرار ٺٽي جي تاريخي ماڳ پنيور ۾ مهاڻن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي سمنڊ ڪناري اميرالب/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

Aquatic Ecology and Food Sovereignty:
Fisherwomen to the Front
International Fisheries Day
21 نومبر
ماهيگيري جو عالمي ڏهاڙو
Noori Development Foundation (NDF)
Pakistan Fisherfolk Forum (PFF)

ماهيگيرن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي پاڪستان فشر فوڪ فورم ۽ نوري فائونڊيشن پاران ڪيٽي بندر ۾ ريلي

ريلي جي اڳواڻي پاڪستان فشرفوڪ فورم جي چيئرمين مهراڻ شاهه ۽ ياسمين شاهه ڪري رهي هئي

ريلي ۾ علائقي جي ماهيگيرن، سول سوسائٽي ۽ ماهيگير عورتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

گاڙهو (رپورٽ جاويد علي خاصخيلي) ماهيگيرن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي پاڪستان فشرفوڪ فورم ۽ نوري فائونڊيشن پاران ڪيٽي بندر /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

پيرسن ماءُ جو نوجوان پٽ مبينا طور گم، وارثن جو پريس ڪلب آڏو احتجاج، بازيابي جو مطالبو

شاهد ناريجو، عباس علي ڪنڀار ۽ ٻين وارثن سان گڏ ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو

واقعي ۾ ملوث هجڻ جي شڪ هيٺ ڄاڻايل ماڻهن ڪان جاچ ڪري وارثن سان انصاف ڪيو وڃي

ٽنڊو محمد خان (ٻر) پيرسن ماءُ جو نوجوان پٽ مبينا طور گم، وارثن جو پريس ڪلب آڏو احتجاج، بازيابي جو مطالبو ٽنڊو محمد خان جي پيپلز /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

اسان پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل ڪان رجسٽرڊ ٺيڪيدار آهيون: افسر علي عباسي

اسان پروفيشنل ڪانٽريڪٽر هميشه سموريون گهرجون پوريون ڪري لاڙڪاڻي سميت ٻين ضلعن جي ٽينڊرن ۾ حصو وٺندا آهيون

هن الزام لڳايو ته 3 مهينا اڳ پراونشل بلڊنگ کاتي جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر عارف ڀٽي ٽينڊر جاري ڪيا

لاڙڪاڻو (رپورٽ عبدالستار سيال) همدرد ڪانٽريڪٽر ايسوسيئيشن جي جنرل سيڪريٽري افسر علي عباسي، علي رضا ڪوڪر، عاشق علي جوڻيجو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

ٽنڊو محمد خان سنڌ جي وسيلن، دريائن ۽ وحدت تي وار قبول نه ڪنداسين: زين شاهه

پ پ ڪئنال اشوجيان پردي پويان سوديبازي ڪري رهي

ٽنڊو محمد خان(حبيب شيخ) ٽنڊو محمد خان سنڌ جي وسيلن، دريائن ۽ وحدت تي وار قبول نه ڪنداسين. پ پ ڪئنال اشوجيان پردي پويان سودي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

خورشيد احمد شاهه روهڙي ۾ جديد واٽر فلٽريشن ۽ ٽريٽمينٽ پلانٽ جو افتتاح ڪري ڇڏيو

افتتاحي تقريب دوران منصوبي جي مختلف حصن بابت ڄاڻ ڏني وئي

جديد واٽر فلٽريشن منصوبي ۾ نارا ڪينال مان يونيورسٽي تائين لڳ ڀڳ ٽن ڪلوميٽرن جي پاڻي جي پائيپ لائين وڇائي وئي

روهڙي(رپورٽ : جمال ڪٽپر) قومي اسيمبلي جي ميمبر ۽ اڳوڻي وفاقي وزير سيد خورشيد احمد شاهه اروڙ يونيورسٽي آف آرٽ، آرڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

Inauguration of Water Filtration Plant
by
SYED KHURSHEED AHMED SHAH
Member of the National Assembly of Pakistan
During Tenure
Prof. Dr Zahid Hussain Khand

مشهور واپاري عبدالغفار شيخ دل جو دورو پوڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو

سندس مڙهه کي سوين آلين اکين سان شهر جي ابوبڪر قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

سماجي تنظيمن جي اڳواڻ، شهرين سميت مختلف مڪتب فڪر جي ماڻهن وڏي انگ شرڪت ڪئي

لاڙڪاڻو(رپورٽ عبدالستار سيال) لاڙڪاڻو چيمبر آف ڪامرس جو اڳوڻو صدر ۽ مشهور واپاري عبدالغفار شيخ دل جو دورو پوڻ سبب لاڏاڻو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

ڏوڪري پرسان ڳوٺ ٻلهڙيجي ۾ چوٿون انور پيرزادو ادبي ميلو، ناميارن اديبن ۽ دانشورن جي شرڪت

ميلي ۾ انور پيرزادي جي علمي، ادبي، تحقيقي ۽ فڪري خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي

انور پيرزادو سنڌ جو وڏو اديب، شاعر، صحافي، محقق ۽ مفڪر هو : اياز پليجو

ڏوڪري(رپورٽر) ڏوڪري پرسان ڳوٺ ٻلهڙيجي ۾ چوٿون انور پيرزادو ادبي ميلو، ناميارن اديبن ۽ دانشورن جي شرڪت. تفصيل موجب ڏوڪري پرسان ڳو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

دوڙ: خاتونِ اول بيبي آصفه ڀٽو زرداريءَ جو سٽ ميل ۽ دوڙ جو دورو

خاتونِ اول بيبي آصفه ڀٽو زرداريءَ سٽ ميل شهر جو دورو ڪيو

جتي هن بي ڊي ايس اسڪول جو باقاعده افتتاح ڪيو ۽ شهر ۾ جاري مختلف ترقياتي ڪمن جو معائنو پڻ ڪيو

(ڪاشف علي رند) سٽ ميل، تعلقو دوڙ: خاتون اول بيبي آصفه ڀٽو زرداريءَ جو سٽ ميل ۽ دوڙ جو دورو خاتون اول بيبي آصفه ڀٽو زرداريءَ سٽ ميل ش/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

يونين ڪائونسل اوڏيرولال وليج 29 ۾ بلدياتي اليڪشن جون تياريون مڪمل

اليڪشن ڪميشن پاران ٽوٽل 12 پولنگ اسٽيشن قائم ڪيا آهن

ووٽ ڪاسٽ ڪرڻ لاءِ مختلف پولنگ اسٽيشنن تي 31 پولنگ بوٿ قائم ڪيا ويا آهن

اڏيرولال (رپورٽ غلام نبي چنو) يونين ڪائونسل اوڏيرولال وليج 29 ۾ بلدياتي اليڪشن جون تياريون مڪمل اليڪشن ڪميش/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

جوهي تعليم کاتي ۾ ڪرپشن ۽ ويزا تي اسڪول هلڻ جا الزام

رٽائرڊ استادن کان 3 سيڪڙو ڪميشن طلب ڪرڻ جي دعويٰ

ڊي اي او ۽ ٽي اي او وچ ۾ تڪرار شدت اختيار ڪري ويو، ٽي اي او کي نوٽيس جاري، سومر تي طلب

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) جوهي تعلقي جي تعليم کاتي ۾ ٽي اي او فيميل شاهجهان شاهه ۽ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري دادو انور علي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

رياض حسين شاهه شيرازي صاف پيئڻ جي پاڻيءَ جي فلٽر پلانٽ جي افتتاحي تقريب ۾ خاص مهمان طور شرڪت

رياض حسين شاهه شيرازي عوام کي صاف ۽ محفوظ پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪرڻ لاءِ قائم ڪيل فلٽر پلانٽ جو باقاعده افتتاح ڪيو

صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي ڳوٺ الهبچايو چانگ ۾ چانگ برادريءَ جي شاديءَ جي تقريب ۾ پڻ شرڪت ڪئي

ان موقعي تي غلام نبي عرف نبي ٻٻر، حاجي فيض محمد بروهي، رجب علي مري، تنوير بارچ ۽ ٻيا شريڪ

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو)سنڌ جي صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي ديوان محلي، ديوان ڪميونٽي جهمپير ۾ درگاهه آغا جاني رحمت الله، ٺٽو شريف جي سجاده نشين سيد جهانگير انور شاهه پاران سماجي اداري Live to Giv/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

ايس ڊي او راحيل ميمڻ ۽ داروغي اسد مهر جي ملي ڀڳت سان آبپاشي کاتي جا قيمتي سرڪاري وڻ وڍرايا ويا

ايس ڊي او جي مبينه حڪمن تي داروغي لاڪاتي شاخ تي سرڪاري وڻ وڍرايا آهن : بيلدار

داروغي جي نگراني ۾ به اوورلوڊ گاڏيون سرڪاري وڻن جي ڪاٺ سان ڀري وڪرو ڪيون ويون

سرڪاري وڻن جي وڍي جو ذميوار ڪير؟ معاملي جي جاچ ۽ ڪارروائي جو مطالبو

ميرپورخاص (رپورٽر) ميرپورخاص: جمڙائو ڪئنال جي سب ڊويزن ميرپورخاص ٿو جي لاڪاتي شاخ تان ايس ڊي او راحيل ميمڻ ۽ داروغي اسد مهر جي ملي ڀڳت سان آبپاشي کاتي جا قيمتي سرڪاري وڻ وڍرايا ويا. رابطو ڪر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

صحافي غلام قادر کهيري کي عمري جي سعادت ماڻڻ تي عوامي پريس ڪلب جي وفد پاران مبارڪباد

ملاقات ڪري کيس گلن ۽ نيڪ تمنائن سان عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ تي مبارڪباد ڏني

وفد پاران دعا ڪئي وئي ته الله پاڪ سندن حاضري ۽ عبادتن کي پنهنجي بارگاهه ۾ قبول فرمائي

سانگهڙ (رپورٽر)سانگهڙ سينئر صحافي غلام قادر کهيري کي عمري جي سعادت ماڻڻ تي عوامي پريس ڪلب جي وفد پاران مبارڪباد ان موقعي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

سيوهڻ شهر ۾ هن سردي جي موسم ۾ به بجلي جي 11 کان 12 ڪلاڪ بجلي جي لوڊشيڊنگ جاري

هاڻي واپڊا انتظاميه سيوهڻ وري هڪ ٻيو طريقو استعمال ڪري بجلي جا هٿ سان چوري ڪرايل يونٽ بچائڻ ۾ مشغول ٿي وئي آهي

هاڻي لوڊشيڊنگ جي ٽائيم ته بجلي بند پر بجلي اچڻ واري ٽائيم ۾ وري ٽرانسفارمرن جو لنڪون لاهي ڪم جو بهانو ڄاڻائي بجلي ان علائقن جي بند ڪئي پئي

جيڪو عمل سيوهڻ جي عوام سان واپڊا انتظاميه سيوهڻ جا عملدار ظلم ڪري رهيا آهن

سيوهڻ (رپورٽر)سيوهڻ شهر ۾ هن سردي جي موسم ۾ به بجلي جي 11 کان 12 ڪلاڪ بجلي جي لوڊشيڊنگ جاري ۽ ساري آهي، جڏهن ته هاڻي واپڊا انتظاميه سيوهڻ وري هڪ ٻيو طريقو استعمال ڪري بجلي جا هٿ سان چور/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

ٿرجو هي ٽيون دورو آهي جنهن جو مقصد ٿرپارڪر جي ماڻهن کي سهولتن جي فراهمي يقيني بڻائڻ آهي: سليم بلوچ

مٺي،اسلام ڪوٽ، نگرپارڪر سميت ٻين علائقن کي پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي لاءِ هڪ نئين رٿا تي غور ڪيو پيو وڃي

ٿرپارڪر ۾ 832 آر او پلانٽ موجود آهن جن مان 50 سيڪڙو هن مهل هلندڙ آهن باقي به جلد شروع ٿي ويندا

هو اڄ ڊي سي آفيس مٺي ۾ عملدارن سان گڏجاڻي ڪرڻ بعد ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائي رهيو هو

مٺي(ڊ ر محمدرحيم مگريو)سنڌ جي وڏي وزير جي پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ۽ ٻهراڙين جي ترقي واري کاتي بابت خاص معاون محمد سليم بلوچ چيو آهي ته سنڌس ٿرجو هي ٽيون دورو آهي جنهن جو مقصد ٿرپارڪر جي ماڻهن کي سهولتن ج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب25

قمبر جي گرلز هاءِ اسڪول ۾ سنڌ اسٽريم فيسٽيول، شاندار پروجيڪٽ پيش

فيسٽيول ۾ شاگردياڻين پاران سائنس ٽيڪنالاجي روبوٽڪس ۽ تخليقي صلاحيتن جو ڀرپور مظاهرو

نياڻيون به سائنس ٽيڪنالاجي ۽ جدت جي ميدان ۾ نمايان ڪاميابيون حاصل ڪري سگهن ٿيون

محنتي شاگردياڻين کي ڪامياب نمائش جي انعقاد تي مبارڪباد پيش ڪئي وئي ۽ سندن روشن مستقبل لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ويو

قمبر(رپورٽر) گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول قمبر ۾ سنڌ اسٽريم فيسٽيول جي سلسلي ۾ شاندار پروجيڪٽ نمائش منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ اسڪول جي شاگردياڻين سائنس جديد ٽيڪنالاجي روبوٽڪس ماحولياتي تحفظ ثقافتي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

قائد عوام يونيورسٽي آف انجنيئرنگ سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي نواب شاهه جو 16 هون اڪيڊمڪ ڪانووڪيشن

ڪانووڪيشن ۾ چيف سيڪريٽري سنڌ آصف علي شاهه خصوصي شرڪت ڪئي

انهي موقعي تي قائد عوام يونيورسٽي آف انجنيئرگ سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي نواب شاهه جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر رضا سمون بريفنگ

سال 2022 بئچ جي 492 شاگردن کي ڊگريون گولڊ ميڊل سرٽيفڪيٽ ايوارڊ ڏنا ويا آهن

نوابشاهه(رپورٽر)قائد عوام يونيورسٽي آف انجنيئرنگ سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي نواب شاهه جو 16 هون اڪيڊمڪ ڪانووڪيشن يونيورسٽي ملٽي پرپز هال ۾ ٿي گذريو ڪانووڪيشن ۾ چيف سيڪريٽري سنڌ آصف علي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

نوابشاهه: قائد عوام يونيورسٽي آف انجنيئرنگ سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي نواب شاهه جو 16 هون اڪيڊمڪ ڪانووڪيشن ٿي رهيو آهي

ڪنڊيارو: دي ناليج پبلڪ اسڪول چنيهاڻي ۾ مڊٽرم امتحان جاري

ڪنڊيارو (رپورٽر) ڪمالديرو دي ناليج پبلڪ اسڪول چنيهاڻي ۾ سالياني مڊٽرم امتحان جديد /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

ڪوٽڙي ڪبير جي رهواسڻ جو بااثرن خلاف احتجاج

ڪنڊيارو (رپورٽر) ڪوٽڙي ڪبير جي رهواسڻ شبيران زال سڪندر جوڳي پاران ڳوٺ شادن مري /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

ڄامشورو ۾ 21 نومبر ماهيگيرن جو عالمي ڏڻ تي سنڌ ملاح فورم جي سڏ تي ريلي ڪڍي وئي

شهر جي مختلف علائقن جو گشت ڪرڻ بعد ڄامشورو ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب پهتي

هنن سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته سنڌ جي مهاڻن کي جديد سهولتون مهيا ڪيون وڃن

ڄامشورو (رپورٽر)ڄامشورو ۾ 21 نومبر ماهيگيرن جو عالمي ڏڻ تي سنڌ ملاح فورم جي سڏ تي ڄامشورو ۾ مير نواز ملاح غلام شبير ملاح اڪرم ملاح محمد علي گهانگهرو جي اڳواڻي ۾ شهر کان ريلي ڪڍي شهر جي مختلف علائقن جو گشت ڪرڻ بعد ڄامشورو ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب پهتي ڄامشورو ۾ 21 نومبر ماهيگيرن جو عالمي ڏڻ تي سنڌ ملاح فورم جي سڏ ت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

21st November International MALLAH DAY
21 نومبر ماهيگيرن جو عالمي ڏينهن
پاران: سنڌ ملاح فورم ضلعو ڄامشورو

ميرپورخاص ۽ عمرڪوٽ ۾ 850 هارين ۾ ڪڻڪ جو ٻج ۽ ڀاڻ ورهايو ويو

ميرپورخاص ۽ عمرڪوٽ جي 850 ننڍن هارين ۾ ڪڻڪ جي پوک لاءِ زرعي پيڪيج ورهايا

اها ورهاست ريزيلينس اينڊ اڊاپٽيشن بائي فوسٽرنگ اينٽيسيپيٽري ايڪشن (رافا) منصوبي هيٺ ڪئي وئي

ميرپورخاص (رپورٽر) ميرپورخاص ۽ عمرڪوٽ ۾ 850 هارين ۾ ڪڻڪ جو ٻج ۽ ڀاڻ ورهايو ويو ميرپورخاص/ سبزوي گڏيل قومن جي خوراڪ ۽ زراعت واري تنظيم (ايف اي او) جي سهڪار سان ميرپورخاص ۽ عمرڪوٽ جي 850 ننڍن هارين ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31